رچنا ۹۸



ايشور پارتي

SILVER JUBILEE YEAR
25
1979 - 2003
SPECIAL ISSUE
RACHNA

ساهت ۽ ڪلا جي ٽماهي

رچنا

٩٨

سال : ٢٥

اَپريل - جوُن ٢٠٠٣ع

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

صاحب بجاڻي

في انڪ : ٢٥ رپيا

ساليانو چندو : ١٠٠ رپيا

لائيف ميمبرشپ : ١٠٠٠ رپيا

ڀارت کان ٻاهر : ٥٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P. O. Box-10, 2-B/16, Adipur (Kutch) 370205

Ph : (02836) 263851, E-mail : sindlogy @ wilnetonline.net, Website www. sindhology.com



سلسلو

ڳالهائي، نرادر ڪري، سندن آتم سنمان کي چوٽ پهچائيندو يا ڪين پاڻ جهڙو ئي انسان مڃي، هنن سان برابريءَ وارو وهنوار ڪريندو.

سيبه انسان اجائي هٺ وڏائي ۽ دماغي اڏنبر (Intellectual snobbishness) کان آجو آهي. پاڻ کي هر حالت ۾ صحيح ثابت ڪرڻ ۽ ٻين کي غلط ثابت ڪرڻ واري اجائي سجائي بحث مباحثي کان هو ڪنارو ڪندو آهي. ڪيس پنهنجي ميڙيل تمام دنيوي حاصلاتن - پئسي، شهرت، انعام، خطاب، ڊگرين، ڪرسين يا پرايل علم - تي ڪو گهمنڊ ڪو نه هوندو آهي ۽ نه ئي هو انهن جو ڏيکاو ڪرڻ پسند ڪندو آهي. اهو هن لاءِ نهايت ئي هلڪڙائپ وارو عمل آهي.

سيبه انسان دنيوي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي چٽاپيٽيءَ جي ڊوڙ ۾ شامل نه هوندو آهي. اها هن لاءِ بي معنيٰ آهي. ان جي برعڪس سيبه انسان کي پنهنجي نويڪلائي، ايڪانت پياري آهي. پنهنجي محبوبا پرڪرتيءَ سان وصل جا کي کن ماڻڻ ئي هن لاءِ زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو شغل آهي.

سيبه انسان سنگيت، ساهت، ناٽڪ، نرتيه ۽ ٻين ڪلائن جو ڪوڏيو آهي. انهن ئي سندس هردي کي نپي ناهي، گهڙي تراشي، سهرديه، سنويدن شيل بڻايو آهي. راجا پرتريءَ جو اهو قول جائز آهي ته جنهن شخص کي سنگيت سان پريم ناهي اهو بنان سڱن ۽ پڇ وارو جانور آهي. اهو سنگيت ئي آهي جيڪو هر شخص جي سُرندي کي سرشتيءَ جي سنگيت سان پوري لئه تال ۾ وجائي، ڪيس پنهنجو پاڻ سان ساڪياتڪار ڪرائي ٿو.

دنيا پر جي گرنٿن جو اڀياس ڪرڻ، وڏا وڏا امتحان پاس ڪري ڊگريون حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي دماغ اندر سمورو علم ۽ عقل ٺونسي پرڻ بعد به ضروري ناهي ته اهڙو شخص سيبه هجي. تهذيب جو واسطو پرايل تعليم سان ناهي، بلڪ سياڻپ ۽ سوجهه ٻوجهه (understanding) سان آهي، عمل سان آهي.

جي علم ۾ ٿئين عالم، ڪر پڻ عمل کي شامل
عامل نه ٿيو جي ڪامل، دفتر لکيو ته ڇا ٿيو.

(مرزا قليچ بيگ)

اُهو ئي تهذيب يافته شخص آهي جيڪو نِهٺو نماڻو آهي. جنهن جي اندر ۾ سموري انسان ذات لاءِ پيار آهي. جيڪو سندن ڀلائي ۽ ڀهبوديءَ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. جيڪو مروت (courtesy) جو مجسم آهي. جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ سونهن، سچائي ۽ سنائيءَ جا بهترين ملهه اپنايا آهن. نرسي مهتا جي رچيل ۽ مهاتما گانڌيءَ جي پريه ڀڄن ۾ اهڙي انسان جي تز وياکيا هنن چند لفظن ۾ ڏني وئي آهي :

وئشنو جن تو تئني ڙي ڪهيي
جي پيڙ پرائي جاڻي ڙي
پر دکي اُپڪار ڪري توهي
من ايمان نه آڻي ڙي

سڀيہ/تهذيب يافتہ ڪير آهي؟

(Who is Cultured / Civilized)

سڀيہ يا تهذيب يافتہ انسان اُهو آهي جنهن پنهنجي پسون ورتيءَ ڪي سوڌي پاڻ ڪي اُتم رُچيءَ وارو بڻايو آهي. ڪو بہ انسان ڄائي ڄم کان سڀيہ ڪو نہ هوندو آهي. هن ۾ وحشي (Refined taste) عناصر ئي وڌيڪ هوندا آهن. آهستي آهستي هو سني ماحول، تعليم ۽ تربيت (پرورش) جي اَثر هيٺ ۽ ساهت، سنگيت، ناٽڪ، نرتيہ، چترڪلا وغيره جي ساڌنا ڪندي، پنهنجي شعوري اوسر سان، پنهنجي اڻ گهڙيل پٿر ڪي تراشي، هڪ شاهڪار ڪلاڪرتيءَ جو سرجن ڪري وٺندو آهي ۽ پنهنجي اندران پيدا ڪيل سونهن سوڀيا جو پاڻ آنند ماڻيندو آهي.

ڪلچر ڪا وڪائو شيءِ ڪانهي جيڪا ماڻهو ڪنهن بيوٽي پارلر/بوٽيڪ مان خريد ڪري پاڻ مٿان اوڙهي يا مئنرس / ايٽيڪيٽس سيکارڻ واري ڪنهن ڪوچنگ ڪلاس مان پرائي، راتو رات اُٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي تميز سکي، سڀيہ يا تهذيب يافتہ بڻجي وڃي. ڪلچر مِروڻ مان ماڻهو بڻجڻ واري هڪ سريري(Organic) پرڪريا آهي. جيڪا سالن جا سال ماڻهوءَ جي من اندر اُسرندي ٿي رهي. ان ڪري ان جو واسطو ماڻهوءَ جي ٻاهرين اوسر کان وڌيڪ سندس اندرين اوسر سان آهي.

پاڻ ڪي سڀيہ سڏائيندڙ انسان ڪنهن بہ حالت ۾ ظالم اتياچاري تہ ٿي نٿو سگهي. هن جي سنويدن شيل هردي اندر پراڻي ماتر لاءِ ديا ڪروڻا موجود آهي. هو ڪنهنجي بہ ڀاونائن ڪي نٿو ضربي. سڀني ڪي برابريءَ جي سطح تي سم درشٽيءَ سان ڏسيٿو. هن جي رهڻي ۽ ڪهڻيءَ ۾ ڪو فرق ناهي. هو پنهنجي ويچار ۽ وهنوار ۾ شفاف آهي. هن ڪي پنهنجو پاڻ تي پورو ضابطو آهي. پنهنجي شخصي آزاديءَ لاءِ سنگهرش ڪندي، هو ٻين جي آزاديءَ جو بہ پورو مان سنمان ڪريٿو. ٻين جو پاڻ کان مختلف ويچار ڌارا رکڻ جو حق تسليم ڪري ٿو. سڀ شيلتا هن جو هڪ ئي واحد ڌرم (Creed) آهي.

ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي سڀيہ / اسڀيہ هئڻ جي ڪٽ ڪرڻ جو هڪ ماپو اهو بہ آهي تہ هو پنهنجي هيٺان ڪم ڪندڙ زيردستن ۽ سماج جي هيٺين طبقي جي ماڻهن سان ڪهڙي نموني پيش اچيٿو. هنن سان ڪهرو

رميش چاچاڻي

١٧ جون ٢٠٠٣ تي سنڌو آرٽ ٿئيٽر جو جنم داتا رميش چاچاڻي بمبئيءَ ۾ گذاري ويو. هن دهليءَ جي نئشنل اسڪول آف ڊراما مان باقاعدي سکيا ورتي. سنڌيءَ ۾ سندس پيش ڪيل ناٽڪ آهن انسان ۽ آتما، ڏس پئسي جا رنگ (جنهن جا سو کان بہ وڌيڪ شو پيش ٿيا)، گهر جمائي، هاءِ منهنجي دل، وواهہ جو بنڌن، چانڊو چانڊواڻي ۽ ٻيا. هن جا ناٽڪ ڀارت کان ٻاهر هانگ ڪانگ ۽ دبئيءَ ۾ بہ پيش ڪيا ويا. هن سنڌي اسٽيج کي ڪيئي نوان ڪلاڪار ڏنا، جن پوءِ پنهنجون ناٽڪ منڊليون ٺاهيون ۽ ڪامياب هدايتڪار بڻيا.

اَرجن ڀڳت

اَرجن ڀڳت ويڄهڙائيءَ ۾ پنهنجي بلند دلسوز آواز سبب وڏو نالو ڪمايو. هو دبئي، هانگ ڪانگ ۽ سينگاپور ۾ پنهنجو پروگرام پيش ڪري، اُتان بہ وڏي واهہ واهي ميڙي آيو هو. ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ تي بہ سندس ڪيترائي پروگرام پيش ٿيندا رهندا هئا.

سنڌالاجيءَ طرفان هن جي رهنمائيءَ ۾ ڏهاڪو سال اَڳ ڀڳت جي ورڪشاپ رکي وئي جنهن ۾ ڪيترن شاگردن هن کان سکيا وٺي اسٽيج تي پروگرام پيش ڪيا. اَرجن ڀڳت 'سنگيت ڪنور' جي ٽوليءَ سان بہ گڏجي پوني ۾ چيٽي چنڊ جي موقعي تي پروگرام پيش ڪيو. هن جي هڪ ويڊيو سي. ڊي ۽ پنج آڊيو ڪئسيٽ بہ نڪتل آهن. ڀڳت لاءِ سندس ڪيل شيوائن لاءِ کيس ڀڳونتي ناواڻي اوارڊ گوبند مالهيءَ طرفان عطا ڪيو ويو. اَرجن ڀڳت ٢٠ اَپريل ٢٠٠٣ تي احمدآباد ۾ گذاري ويو.

شرڌانجلي

پروفيسر ڊي. ڪي. منشاراماڻي

پروفيسر ديارام منشاراماڻي سنڌي ۽ فارسيءَ جو وڏو ودوان هو. ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ فارسيءَ جو ليڪچرار هو. ورهاڱي بعد مهاراشٽر ايڊيوڪيشنل سروس سان وابستہ رهيو.

سنڌ ۾ هن بنگال جي ودروهي ڪوي قاضي نظرل اسلام جا شعر 'باغي' عنوان هيٺ ترجمو ڪري ڇپايا. هت هند ۾ ساهتيہ اڪادمي دهلي پاران 'نئشنل ببليوگرافيءَ لاءِ سنڌي داخلائن جو ايڊيٽر، ڪيرالا ساهتيہ اڪادميءَ پاران Comparative Indian Literature پستڪ لاءِ بہ سنڌيءَ جو ايڊيٽر هو.

'رچنا' ٽماهي مخزن جو ڊاڪٽر گربخشاڻي شتابدي انڪ ۽ اوائلي نثر نويسن (پرمانند، پيرومل، لالچند، جيٺمل) جي ياد ۾ خاص انڪ ايڊٽ ڪيائين. ماستر سهجرام جو 'سهج ڪوش' بہ ايڊٽ ڪيائين، جيڪو اَجا ڇاپي ۾ نہ آيو آهي. سندس دلي اڇا هئي تہ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي شتابديءَ جي موقعي تي 'رچنا' جو هڪ يادگار پرچو ظاهر ڪجي جنهن جي پڙرائي بہ ڪئي ويئي. پر گهربل سهڪار نہ ملڻ سبب ان جي پوئواري ٿي نہ سگهي.

ڊاڪٽر عبدل ڪريم سنديلو ۽ ٻين بہ سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن / اَديبن سان سندس خط و ڪتابت هلندي رهي هئي.

ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻي

ٿورا سال اَڳ ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻي گورنمينٽ ڪاليج اَجمير مان رٽائر ڪيو هو. سندس ورتل ڪوشش سبب هن ڪاليج ۾ سنڌيءَ ۾ ايم. اي. تائين پڙهائڻ جي شروعات ٿي. سشيلا موٽواڻي بابا راما پير جو جيون چرتر وڏي محنت ۽ ڪوجنا ڪري سنڌيءَ ۾ لکيو. سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان ڪيس سريشٽ تعليم دان طور پندرهن هزارن جي انعام ۽ شال سان سنمان ڪيو ويو.

سندس ٻيا لکيل ڪتاب آهن 'ماتا آسري ٻائي'، سنت شرومڻي 'پائو رامچندر'، 'وشواس' (ڪهاڻيون)، 'سوالن جو ذخيرو'، 'وطن جي وائي' ۽ ماڻڪ موتي (مضمون).

تلاش



مونکي اُن مرد جي تلاش رهي آهي
جيڪو پنهنجي پيءُ جي مرڻ کانپوءِ
ماءُ کان ڪاغذن تي ڪوڙيون صحيون نہ ڪرائي
جائداد جو سمورو حق پاڻکي نہ ڏياري
۽ پوءِ در - بہ - در حالت ۾
ٻڍين عورتن جي ڪنهن گهر ۾
ماءُ پناهہ وٺڻ لاءِ مجبور نہ ٿئي!

* * *

۽ اُن مرد جي بہ تلاش رهي آهي مونکي
جيڪو ماءُ پيءُ طرفان پنهنجي جائداد ۾
ڀيڻ کي بہ برابر برابر جو حصو ڏئي
گهٽ ۾ گهٽ، ڪيس اُنجي هڪ ڀاڱي ۾
ڪلف لڳائڻ جي اِجازت بخشي
جتي هوءَ ڏينهن ٻارن لاءِ نوڪريءَ ۾
۽ رات پنهنجي مرد جي چاڪريءَ ۾ نہ گذاري
۽ هر ستين سال ئي سهين،
موڪل تي رهي، آرام ڪرڻ چاهي!

* * *

۽ مونکي تلاش رهي آهي اُن مرد جي بہ
جيڪو پنهنجي شادي شده عورت کي
اِهو حق ڏئي
تہ هن سان چاهيل هر سنيوڳ
جيڪڏهن اُهو سندس مرضيءَ جي خلاف هجي
هوءَ بلاتڪار ۾ شمار ڪري
۽ هو اُن جرم ۾ گرفتار ٿئي!

* * *


۽ تلاش رهي آهي مونکي اُن مرد جي بہ
جيڪو ڏينهن چڙهڻ تي، پنهنجي عورت جي صحت
مئٽرنٽي هوم ۾ وڃي چڪاس/تپاس ڪرائي
پر نہ هجي اُن چڪاس/تپاس ۾ اهڙو ڪجهہ
تہ سندن ٻار ڇوڪر آهي يا ڇوڪري -
۽ جيڪڏهن ڇوڪري آهي
تہ هن جي هتيا ڪرائي ڇڏي!

* * *

۽ اُن مرد جي بہ مونکي تلاش رهي آهي
جيڪو نہ هجي صرف جانور
پر پاڻ ۾ عورت جا بہ نازڪ نفيس جذبا رکي
۽ مونکي اُن عورت جي تلاش رهي آهي
جيڪا صرف اَبلا نہ هجي
۽ پاڻ ۾ مرد جو بہ مردپڻو رکي
ائين ارڌناريشور جي ڪلپنا موجب
بنهي ۾ مڪمل انسانپڻو ايندو!

B-14, Dayanand Colony,
Lajpat Nagar,
New Delhi - 110 024

نظم/واسديو موهي



- ا -

ساگر جي ويجهو تنهنجو گهر
ڪنهن وڏي ٽڪر تي منهنجي ڪَٽ
تنهنجا منهنجا ساڳيا رڻ پٽ

هاندي چلهه تي آ ڪڏهن ڪڏهن
پاوَن ڪان خالي منهنجا ڇَڄ
تنهنجا منهنجا ساڳيا رڻ پٽ

تو وٽ باهيون روز لڳن ٿيون
وِچ سان آ منهنجي ويجهائپ
تنهنجا منهنجا ساڳيا رڻ پٽ

تون ڪولاهل گوڙ شور ۾
هتي پڙاڏا گهر گهر گونجنَ
تنهنجا منهنجا ساڳيا رڻ پٽ

منهنجو سچ بنجر مان نڪري
تنهنجي سِچ جا لوڏيانا لِڳ
تنهنجا منهنجا ساڳيا رڻ پٽ

- ٢ -

تنهنجا منهنجا ڳوڙها هڪ هئا
مُرڪن ۾ اوپر اولهه آيو
تو منهنجو پاٽي ڇورايو

ڪنهن هڪ جهرڪي جي ڳولها ۾
جبل جبل کي داغ لڳايو
تو منهنجو پاٽي ڇورايو

احساس مٿان احساس ڏِنئه
مون پنهنجو ايڪانت وڃايو
تو منهنجو پاٽي ڇورايو

سيمينٽ مِٽيءَ سان اُپ ڍڪي
اُس جي ڏُک ڏُک لاءِ سِڪايو
تو منهنجو پاٽي ڇورايو

چانوَ اَجا مس تي ڪڪرن جي
پکهريل سچ گهر تي اُڇلايو،
تو منهنجو پاٽي ڇورايو
ڪير ندين جو ذڪر ٿيو هو
هٿ ۾ آخر تُوهرُ آيو،
تو منهنجو پاٽي ڇورايو

نس نس ۾ گنگا ۽ سنڌو
پو به سچائپ لاءِ پتڪايو
تو منهنجو پاٽي ڇورايو.

A355, Nayan nagar,
Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345



اِستري

١. استري، تنهنجو تياڳ آپار
نِباهين سڀ ڏانهن پنهنجو فرض
چُڪائين زال هجڻ جو قرض
جتائن سڀ توتي آڌڪار
اِستري، تنهنجو تياڳ آپار!

٢. اِستري، آهين پونءَ سمان
سهين سِر تي سيني جو بار
ڪٽي مان اُپجائين آنبار
سدا ڏين سک، سنيهه جو دان
اِستري، آهين پونءَ سمان!

٣. اِستري، تنهنجا روُپ آنيڪ
پتيءَ جي هٿ ۾ جڻ رومال
ٻُهاري جهڙو تنهنجو حال
ڪڏهن ڪنهن لاءِ بيئرر چيڪ
اِستري، تنهنجا روپ انيڪ!

٤. اِستري، تو سان آهه آنيت
پيءُ، پُٽ، پتي، پريمي، ڀاءُ،
پُرش جو توتي حق، دٻاءُ
جڳن کان جاري هيءَ ڪُريت!
استري، توسان آهه آنيت!

٥. اِستري، هي ڪهڙو انصاف؟
وڙهن پيا پاڻ ۾ مرد بدڪار
ڏين ڏيءُ، ماءُ، ڀيڻ تي گار
مگر مردن کي سڀ ڪجهه معاف
استري، هي ڪهڙو انصاف؟

٦. عجب هيءَ دنيا جي منڊي
ڪيو جن ڪامين تنهنجو ڀوڳ
اچن ٿا اوتڻ تو وٽ روڳ
سڏن سي ئي توکي رنڊي،
عجب هيءَ دنيا جي منڊي!

٧. عجب آهي هيءَ پُرش - سماج،
پتيءَ جا پراڻ بچائڻ ڪاڻ
وٺين يمراج جي پويان پاڻ
پتي اچ تو لاءِ ٿيو يمراج
عجب آهي هيءَ پرش سماج!

٨. استري، پري سيا ڪر ياد
جوئا ۾ هارائڻ کان پوءِ
ڏنائون ننگي ٿيندي جوءِ
ٻڌو ڪنهن ڪو نه سنڌءِ فرياد
استري، پري سيا ڪر ياد!


رُڃ ۾ راند



اُس،
تو آ ڏاڍو ستايو
ڪيو آ سيني جو من ماندو
لڳُئِہ ڪهڙو رِيَڇڪُ،
ڪَڪرنِ کي ڇيڙي اُنهن جي،
ڊُڪ ڊوڙ راند ڦٽائڻ جو؟
نہ ڪڪر پڄن ها
نہ سڙي ها سڄ!
هاڻي تہ مستي، تنهنجيءَ کان
ٿي هلاڪ، سڄ
لاهڻ تنهنجي لاَڪ
ڪڍي جيبون پنهنجون
وسائي ٿو تو مٿان.
۽ ڪِڄ ڪِڄ تنهنجيءَ ڪري
تپي ٿي سڄي ڌرتي،
ٻري پيئي ريتي،
تلاوَ ويا سُڪي
سامهون ڏِسُ، اَلا،
نڪرن ٿا زمين مان اُلا
ريلا ڪري چوڌر

جَڻُ وهي ٿو پاڻي!
'نہ نہ اِهو تہ آ پرمُ
هن رُڃ ۾ !!!'
سانت ڪري تون بہ
ڪو ويهي سگهندينءَ ڇا؟
سُڪَ ڦِٽِي،
ڇا جي ٿي ڦَتِ ڦَتِ ڪرين
هاڻي ٿَرُ هتان،
نہ تہ گَلن پريل گَلمهر جي
پَٽي ٿاري،
ڪُٽِيِنديسانءِ اَهڙو
جو بند ٿي ويندءِ ٺَهَ ٺَهَ
پر، هيءَ ٻيچڻي ٻُنڊُ
مڃيندي بہ ڇا مارَ ڪانسواءِ؟
۽ مون بہ جو وِجهي هٿُ،
گُلمهر جي پٽي ٿاري،
وارايو منهن ڪيس سَٿَڻ لاءِ
تہ اُس نينگ ٿپا ڏيندي
ٿي ويئي اَگم!!
اَڙي،
هنن شرارتي ڪڪرن تہ
مچائي ڇڏي وري ڊُڪ ڊوڙ
۽ هيءَ حرڪتڻ،
لڪائي پنيان ڪڪرن پاڻُ
پيئي ٿي ڇيڙائي
سَيني کي پَرپنڇَ ۾
'پڪڙي تہ ڏيکاري ڪو مونکي
مان تہ پِرمائيندس
ماٺهن ۽ مِرُن کي
رُڃ جي هن راند ۾ !!!!!

T.H.X-23,
Adipur -370205



-۱-

تو ڏني پيار جي ڪا گهٽي ڪانه هئي
توکي سيکجهه هيو شاعري ڪا نه هئي.

رات ريشم جيان روُح تي ڇڻ لٿي
ياد تنهنجي جلي چاندني ڪا نه هئي.

ڪنهن نه جاتو ته هن خودڪشي ڇو ڪئي
هن جي جيون ۾ ڪائي ڄُمي ڪا نه هئي.

تو ملڻ وقت آهڙو هو، تاثر ڏنو
ڄڻ ته توسان ڪڏهن دوستي ڪا نه هئي.

شبنمي شام جا رنگ چُنريءَ جيان
ڪيئي ڇهرا هيا بانوري ڪا نه هئي.

عيد آئي اسان جي اڱڻ تي ائين
درد جو رقص هو، ڪا خوشي ڪا نه هئي.

تو ته مرڪي سين ڏي نهاريو تي پر
تنهنجي مرڪن ۾ پنهنجي پتي ڪا نه هئي.

ڇو نه سمجهي سگهين پيار منهنجو پرين
سِٽ اظهار جي ڪا ڏکي ڪا نه هئي.

مون ته چاهيو پئي تون به لکندي رهين
منهنجي توڏي چِني آخري ڪانه هئي.

-۲-

پيار منهنجو جي نديءَ جهڙو نه هو
سات تنهنجو پڻ پکيءَ جهڙو نه هو.

مور جو ڪنبڻ مون اکين تي هو رکيو
پر اُهو تنهنجي سڳيءَ جهڙو نه هو

بس اِئين ئي لوڪ سان ڏکجي وياسين
حال پنهنجو نئين صديءَ جهڙو نه هو

دردَ ڦرهي تي سَٽي مُرڪي پئون
حوصلو پنهنجو ڪتيءَ جهڙو نه هو

ڇا ته مون منظر ڏنا پر ڪو اُنهن مان
تنهنجي گهر واري گهٽيءَ جهڙو نه هو

مون فقيري روپ ڌاري هنئين صدا
ڏانءُ تنهنجو پر سخيءَ جهڙو نه هو

شهر وارو گهر ڪشادو هو پلو پر
ڳوٺ ۾ پنهنجي جُهڳيءَ جهڙو نه هو

اي ڪوي! سرڪار توکي ڪوئي تحفو هو ڏنو
پر اُهو تنهنجي خوديءَ جهڙو نه هو.

سومري جو ماڻُ ۽ نالو هيو پر پوءِ به
پيرَ ۾ تُنهنجي جُتيءَ جهڙو نه هو.

Sind (Pakistan)

٩. استري، ڪنهنکي تنهنجي اوڻ؟
پتيءَ سان پوڳيو تو بنواس
ڪري ها توتي جي وشواس
وٺي ها اگن پريکيا ڪو نہ،
استري، ڪنهنکي تنهنجي اوڻ؟

١٠.مارُئي بڻجي سنئہ عذاب
ڦوڳ جو ڦند، عمر جو زور
ڇڏيو تو ست نہ، بڻي ڪمزور
ڪيت تہ بہ توکي سڏيو خراب
مارُئي بڻجي سنئہ عذاب!

١١.اِستري، تنهنجو جيئڻ جاڙ
چون توکي جاتيءَ جو شان
ڪرڻ لئہ جاتيءَ جو اپمان
سنڌءِ عصمت سان ڪن کِلواڙ
اِستري، تنهنجو جيئڻ جاڙ!

١٢.اِستري، پنهنجو پاڻ سڃاڻ
ڪلپنا وانگر متي اُڏام
اُتي ڪر حاصل اوچ مُقام
پاڻ ۾ ڪا تبديلي آڻ
اِستري، پنهنجو پاڻ سُڃاڻ!

١٣. اِستري، هئہ هئہ تنهنجو حال،
ڪٿي وِڪ سان توکي مارين
ڪٿي تيزاب هٽي ساڙين
ڪٿي خود تنهنجو پتي دلال
اِستري، هئہ هئہ تنهنجو حال!

١٤. اِستري، ڪيڏي تون مجبور
ڪرين ٿي ڪڏهين آتم گهات
ڪڏهن ڪن ڳڏجي تنهنجو گهات
تنگ ٿي موت ڪرين منظور
اِستري، ڪيڏي تون مجبور!


١٥.ڏاڍ سان توکي ٿا ڏارينِ
جاءِ تو لاءِ نہ ڪا محفوظ
ماءُ جي ڪُکِ بہ نہ آ محفوظ
جمڻ کان اڳ توکي مارينِ
ڏاڍ سان توکي ٿا ڏارينِ!

١٦.اِستري، اڄ بہِ تون مظلوم
پُٽن کي ملي لاڏ، سُک، پيار
ڏيئن تي گهر جي ڪم جو بار
سُکن ءِ سنهنجن کان محروم
اِستري، اڄ بہِ تون مظلوم!

١٧.اِستري، جهرندو هوندءِ جيءُ
ڪرين اَرپڻ پنهنجو تن من
مٽن لئہ تہ بہِ پرايو ڌن
ساهرا چون پرائي ڌيءُ،
اِستري، جهرندو هوندءِ جيءُ!

١٨.سونهن ٿي تو لئہ دشمن هاءِ
مرد جي نظر نظر ڄڻ ڄوُر
هوَس، وحشت، دهشت جو دؤر
خوف خطرو هردم تو لاءِ
سونهن ٿي تنهنجي دشمن هاءِ!

6. Sawar House,
Sri Nagar Road, Ajmer - 305005



آئينو

ڏينهن جو آتنڪ ڦهلائي، موت ورهائي،
رات جو شانت چِت ۽ خالي ٿي ڪڏهن تہ
آئيني جي سامهون چِتائي نهاري ڏس پاڻ کي
خوردبيني نظر سان
توکي تنهنجو چهرو چِٽو صاف ايندو نظر
چاپلوس ۽ ڪوڙين ڏارٽائن جو غلام
نقلي - نقلي - ڪوڙو ڪوڙو
۽
اصليت کان ڪافي دوُر
جنهن جي پنيان چتائي ڏسندين ڪي سوالي لفظ
ڏنڌلا، خاموش، گونگا ۽ مايوس
جو تہ تون آهين انسان جي تُخمَ جي علامت
ان وقت تنهنجي 'پاڻ' مان آواز نڪرندو؛
تن سوالي لفظن جي عڪاسي ڪندي
ڪي پڙاڏا ٻڌندين :
'آخر مان ائين ڇو ٿيو آهيان؟؟ ....
منهنجو اصلي وجود آهي آخر ڇا؟
منهنجي منزل آخر ڪٿي آهي ؟؟
۽ .... ڪٿي آهيان مان ....

تنها

- ڪوه ڪوتيائين سمنڊ وٽ، ڳوڙها ڳاڙي ڇاڻ.
- تاندوُ آتنڪ جو آنڌو، شيطان جي اؤلاد.
- سدا حيات سياست ۾، چونڊوُن، ڪرسي، پيٽ.
- عوام جو آنڌو غصو، ننڊ ٻوڙو پياڙ.
- ڪميٽو ڪوري رِتَ رِتي، اُٹندو قهري جار.
- وِڪرو تيز تهذيب جو، ميڊيا هڪ دُڪان.
- سمنڊ، طوفان، ناوَ آ، آد ڪاَن اِمتحان.
- سستو اَدب خوراڪ نِڄ، ٿرڙي پاڻڪ لاءِ.
- گپ ۾ آدمي هنئي، ڪنول مٿيو نہ سياوُ
- گُلَ جي خوشبو، روپ رنگ، ماٽي؟ ڪو ڊور!

B-97.
Kubernagar,
Ahmedabad - 382340



-۱-

اَڄُ نئين گهر ۾ ڪِهڙون اَڄُ،
ديپ پاريون ۽ ٽِڙون اَڄُ.

هڪ نئين اخبار ڇاپيون،
جو وٺي پيو سو لٽون اَڄُ.

منلو کي ڪاڏو ڏئي، بس،
پيا نچون ۽ پيا ٽِلون اَڄ.

چار چمچا، چار ڪاسڌي،
لاش ڍوئڻ لئه ملون اَڄُ.

سچ چوڻ، ايمانداري،
پاڻ ۾ ئي پيا پَسون اَڄُ.

ڪانوَ - ڪوئل جو تفاوت،
اَڄُ ڪتابن ۾ ڏِسون اَڄُ.

بس رهي ڪُرسي سلامت،
راهه تان پل پيا ٽِڙون اَڄُ.

مادري ٻولي، لِپيءَ کي،
اَڄُ تہ ڇيڙيون ۽ ڇِڙون اَڄُ.

پنهنجو ڪَمُ سان ڪَمُ رهي، بس
ڇو اَجايو پيا ڇِڙون اَڄُ؟

ڇو اُداسي محفلن ۾؟
ڪين 'گهايل' ٿا ڏِسون اَڄُ.

-۲-

ڏينهن جو چنڊ جي ڪِڙي، پو ڇا؟
رات جو سِجُ بہ پِلُ چِڙي، پو ڇا؟

سارو درياهه سُڪي ويو، پَرَ جي -
ڪوئي گهاگهرِ ڪٺي ڪِهڙي، پو ڇا؟

وينو سامهون طبيب آ هردم،
گهاءُ ليڪن نٿو مِڙي، پو ڇا؟

هوُ جي کلندو تہ پڪ ڏُکر پوندو،
پل پيو ڇرچي ۾ ڇِڙي، پو ڇا؟

ڳالهہ اَهڙي هجي، هجي نہ هجي،
ڪنهنجي جي ڪَلَ ٽِڙي ٽِڙي، پو ڇا؟

ڪو نہ مُحتاج مُند جو 'گهايل'
دِل خزان ۾ بہ ٿي ٽِڙي، پو ڇا؟

Sadichchha Apartments,
Deccan College Road,
P.o. Yerwada Road,
Pune - 411006

نوان دستخط

غزل/شريچند ڏُبي ’جگري‘

- ۱ -

اسانجو تہ هڪڙو ئي آهي وڪر،
سچائيءَ جو آهي آسانتي آٿر.

سکن جي ڏُکن جي نہ پرواہ آ،
ڀڳو پيرم آ، دل ٻٽي آ پٿر.

وڏائي رکي ڪجھہ نہ حاصل ڪبو،
ڪمائي ڪبي آ وهائي پگھر.

سدائين نراڌار رهندو اُهو،
نہ ماڻي نہ ڄاڻي ٿو ڪارو اکر.

نہ ڪو قدر ٿيندو آ فنڪار جو،
رڳو بي بي ڪن جي، آ تن جو نگر.

اِجها روشنيءَ جي بہ برسات ٿي،
ويو رنگ لائي آ ڪارو ڪکر.

- ۲ -

جائي جي جر جڻ تہ پُڇاڻي،
حال نہ پُڇجو عزت وڪاڻي.

مجبور پتا ۽ لاچاري،
گونگي گانءِ جو آهي نياڻي.

ڇهري مان ڇهرو پسڻ ڏکيو،
صورت پولي آتس نماڻي.

ڪوڙ ڪَپٽ ۽ دوکيبازي،
ڪري ٿو هرڪو ڄاڻي - واڻي.

ويچارن جو وهڪرو سوڙهو،
ننڍن نہ آهي ڳالهہ پڇاڻي.

کهڙو بوٽو بارينداسين؟
’جگري‘ ڌرتي نالو آباڻي!

- ۳ -

جائي جي جر جڻڪ پُڇاڻي،
حال نہ پڇبو عزت وِڪاڻي.

مجبور پتا ۽ لاچاري،
گونگي گانءِ جو آهي نياڻي.

ڇهري مان ڇهرو پسڻ ڏکيو،
صورت پولي اتس نماڻي.

ڪوڙ ڪپٽ ۽ دوکيبازي،
ڪري ٿو هرڪو ڄاڻي واڻي.

ويچارن جو وهڪرو سوڙهو،
ننڍن نہ آهي ڳالهہ پڇاڻي.

کهڙو بوٽو بارينداسين،
’جگري‘ ڌرتي ناهي آباڻي.

Silver - B, Manghnath Road
Junagadh - 362001

نوان دستخط

نظم/راڌا ڪرشن پاڳيا

پاڻ کي پاتم

ٻولهي رهيو هوس مان ننڍپڻ کي
پنهنجي وڃايل اُن جوڀن کي
سڀ ڪجهه وڃائي مَنُ خالي خالي هو
سچ پڇو مون خوب رُنو هو.

ٿاهرجندو تڏهن پوٽو آيو
چڙهي هنج ۾ ڳلي لڳايو
پڪڙئين مڇون ۽ مسڪايو
منهنجو ننڍپڻ موٽي آيو.

راند ڪري تڏهن پُٽڙو آيو
پيٽس کيس خوب چيڙايو
پڳي لِڪڻ، مون کيس بچايو
وڃايل وقت موٽي آيو

مَن جي پيڙا دور ٿي تڏهن
پنهنجو ئي روپ ڏٺو مون جڏهن
دور ٿيو پرم، من ۾ وسيو هو
سچ پُڇو مون خوب کليو هو.

پاڻ وڃائي پاڻ کي پاتم

اڄ تائين هوس دور مان توکان
ٿي رهي هئي ڀل جو مونکان
خود کي ڪرتا سمجهي رهيو هوس
تڏهن ته مان، ڀٽڪي رهيو هوس.

سمجهي ڪري به نه سمجهيو هو
'مان' ۽ 'تون' ۾ ئي اُلجهيو هو.
سمجهيل کي ڪرتيءَ ۾ آڻيان
تڏهن ته توکي، مان پايان.

خود کي وڃائي توکي پاتم
مان آهيان ڇايا سچ سچاتم
مان جو هاڻي 'اهم' نه آهي
جتي ڏسان تنهنجو روپ آهي.

A-4, New Girivihar,
Mulund Colony
Mumbai-400082

غزل/نند ڪمار سنمڪاڻي

خالي ڪاغذ ڪن پيا ڪارا،
اَڄ جا ليکڪ آهڙا نيارا.

١. ڳرهڻ قسمت جي سورج تي،
تڏهن ٿا ڏسجن ڏينهن ۾ تارا.

٢. ڪنهنکي ڏوهه ڏيون، ساراهيون،
هڪ جهڙا هت ماڻهو سارا.

٣. ڊپُ نه ڊاءُ ٿئي ٿو ڪوڙن کي،
ماڻهو ڪيڏا همت وارا.

٤. جن جو اوهي - واهي ناهي،
جيئن - تيئن جيون ڪَٽِن ويچارا.

٥. جي پيالا پي پڳ لهرائين،
آهڙن ڪان ڪَنِ سيئي ڪنارا.

٦. جوين ڏن تي ماڻُ آ جن کي،
پوءِ ڳولهيندا اُهي سهارا.

٧. خلقِن پئسن لاءِ اَدبُ جي،
روح - آدب جا اُهي هڇارا.

New B-6/45,
Bairagarh, Bhopal-462030

نارايڻ شيام جا آرجن حاسد ڏانهن خط

نئي دهلي-٥٨
٨٥-٧-١٩

پريہ آرجن،

تنهنجو ١٥-٧-٨٥ جو لکيل خط پهتل آهي. مان گاڏيءَ تي اينڊس دهلي ڪئنٽونمينٽ تي، رامڪرشن پورم لاءِ اسان وٽان سڌي بس آهي هڪ نہ پر ٻہ. هڪڙي تہ .C.H.D وٽ وڃي ختم ٿيندي آهي. مُني ڪلاڪ جو سفر آهي. ان ڪان وڌيڪ سهوليت ٻئي ڪنهن ڪا نہ ٿيندءِ. گهر اچي سنان پاڻي ڪري پوءِ ڊئريڪٽوريٽ وڃي سگهندين. موٽڻ مهل دهلي اسٽيشن تي ئي هلبو. سڌي بس آهي، جا اٽڪل ڪلاڪ کن وٺندي. دهليءَ جي خبر اٿيئي سيني پاسي پنڌ هڪجهڙا آهن.

وڌيڪ روبرو —

رچنا ۾ ڪومل جي سمالوچنا پڙهيم. وٽي.

قربن مان
شيام

غزل

فضا خاموش، پويون پهر، چپ تارا، اڪيلائي
پڪارڻ لاءِ مُني دل، توکي هيءَ ئي مهل هٿ آئي!

وڄائي بنسري ڪنهن پئي پريان، پرلاءُ پوندي ئي
يُگن جي دائري ۾ پٽڪندڙ دل جي اُداسائي!

هئي بس منهنجي دل ۾ روح پرور ياد تنهنجيائي
ستارن پوءِ بہ پوئينءَ رات چت ۾ چٽنگ چٽڪائي!

اُٿيو ائن سوُر، مُنهن تي مُسڪراهٽ ڦهلجي ويئي
مگر ڏسندي مونکي هٿن ڇاکون پرجي تنهنجي دل آئي؟

يُگن جا راز چمڪائي ويو سينگار تنهنجو ائن
نکاري چندرما جو عڪس جئن پاڻيءَ جي گهرائي!

جڏهن پي سامهون آئين تون نظر سيڪجهہ نئون آيو
نئين نت تنهنجي ويجهائي نئين نت تنهنجي پنهنجائي!

لڳي پئي ڏينهن پر سنڌو هنئر ڪپڙن کي ڦهلائي
ستارن کي چمي، پاکر ۾ لاهي رات کي آئي!

پنهنجي راءِ ۽ صلاح ڏج
شيام

پ

نئي دهلي
٨٥.٨.١٠

پريہ آرجن،

توکي بس ۾ روانو ڪري اڳتي هليس تہ ڳٽيون وٺي ويم. ڏيان آيم تہ ان بس جو لنبو روٽ آهي، اميد تہ گاڏيءَ تي ٽائيم تي پهتو هوندين. وقت جي تنگي محسوس نہ ٿي هوندءِ. احوال ڏج تہ دلجاءِ ٿيندي.

ڊاڪٽر سدارنگاڻي صاحب وٽ وڃڻ ٿيو. اتي ڳالهہ ڪيائين تہ ڊاڪٽر اياز قادري جنهن سنڌي غزل تي پنهنجي ٿيسز ٻن جلدن ۾ ڇپائي آهي، ان هتي ڇپيل غزلن جي مجموعن لاءِ لکيو آهي جو ٽيون جلد بہ تيار ڪري تو چاهي جنهن ۾ پوءِ هٿ آيل مٽر ڏيندو.

تنهنجو ڪتاب ان ڪم لاءِ ڊاڪٽر صاحب کي ڏينهن ٻن ۾ ڏيئي اينڊس ۽ پڻ ڪن ٻين دوستن جا ڪتاب جي مون وٽ آهن.

وڌيڪ سک

سفر اميد تہ مالڪ جي مهر سان سهنجو ٿيو هوندءِ. گهر ۾ سيني لاءِ سادر نمستي. دوستن لاءِ قرب ۽ پيار.

قربن مان
شيام

غزل/آرجن حاسد



-۱-

ڪنهن اُگهاڙيءَ ديهه جي نردوشتا
استري ڪا ڪامنا سمويدنا

ٻَلَ اکيون ياکُرَ اُداسائي چُميون
ساهه گهرا ڪجهه لچاري پوُمڪا

چلوليءَ ڪنهن روشنيءَ کي چانوَ ڪي
مُرڪَ ڪي، احساس ڪي ٻُولهڻ لڳا

ڳول ڳول آڪار جا لڏندڙ اُرهه
سونهن ڪي، ڪاويه ڪي، ڪيڏي چيتنا

پيشڪش ڪنهن آرزوءَ وانگر سڄي
ڪشمڪش خاموش، چُپ چُپ التجا

پرش موکي، اڻ ڳهڙيل چوڪاٺ جيان
سلسلا اهڙا، مچن ٿا زلزلا

سرشتيءَ کي واسنا ماڻڻ لڳي
رنگ حاسد، انگ تي پکڙيل هئا.

-۲-

ديهه جي جهرمر، نڪر جي ٿانوَ ڪي
باهه جو آڪاس چوُسي ٿو وٺي

ٻار آهيان ماءُ جو ڏاوڻ ڪپي
پر ٻنهي بدران، اُرهه تو هڪ ملي

من ٻنل، مستڪ جهڪيل آ شخص جو
وِنِي بيني، سمجهه تي پٽڪڻ لڳي

سرحدون، ڏارون، نه ڄاڻن وياڪرڻ
چانوَ، ڪڪريءَ جي هلي ٿي آسري

اُس جي دريا کي 'پا' پوري وڏو
ماڻهپو من کي جيئاري ٿو ڇڏي

چار ماياوي هجي يا منطقي
اهم کي سرجڻ مڃڻ، ممڪن ڪٿي

جي ادب آداب، بادل پڻ سکن
وڃ حاسد هانوَ کي آٿت ڏئي

463/B, Sardarnagar,
Ahmedabad - 382475

شيام جو ڊي. ڪي. منشاراماڻيءَ ڏانهن لکيل خط

نئي دهلي
٢-١٠-١٩٨٠

پريه ديا،

تنهنجا ٻه خط پهتل آهن. جواب ڏيڻ جو خيال ڪيترا دفعا آيو پر من جي گهربل اسٿتي نه هئڻ ڪري لکي نه سگهيس. تمارپور جو سرڪاري ڪوارٽر خالي ڪري هنئر جنڪپوريءَ ۾ آيو آهيان. ائڊريس مٿان ڏني اٿم.

بمبئيءَ آيس. توسان ويهي رهاڻين ڪرڻ تي ڏاڍي دل هئم پر هيڏانهن هوڏانهن جي ڀڄ ڊوڙ ۾ وقت بچائي نه سگهيس يا چئجي ته وقت ضايع ڪري ڇڏيم. پر پوءِ به جيڪي چار پل مليا اهي ياد رهندا. تنهنجو قرب سدائين دل ۾ سانديندو رهيو آهيان. ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي هيل تائين ڇا ڇا نه ڏٺو اٿئون؟ ڏسي، سهي ءَ ماڻي جيڪي پرايو اٿئون اهو ڪنهن سان هاڻ ونڊي سگهون به ٿا ڇا؟ پرايل آزمودي جي بنياد تي ڪجهه ڪرڻ جي صلاحيت ڪيتري تي رهي وڃي؟

ڪڏهن ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي ته هي صرف هڪ ناٽڪ آهي. اسانجو پارٽ لکيل آهي ان مان ڪجهه به گهٽ وڌ ڪرڻ ناممڪن آهي. جئن آهي ائين ئي ٿيڻو آهي ائين ئي ڪرڻو آهي. پُراڻن ۾ آيل آهي ته ڪنهن ڪال پڇاڻان هن سرشٽيءَ جي پرلئه ٿئي ٿي ءَ ڪجهه سمي بعد وري رچنا شروع ٿئي ٿي ءَ ساڳيو کيل وري شروع ٿئي ٿو. عقل جي سطح تي به اها ڳالهه صحيح ٿي ڀاسي. جي ائين نه هجي ته جوتشي جنم ڪنڊلي ڏسي ڀوشيه ڪئن ٻڌائي سگهي يا پامسٽ هٿ جون ريکائون ڏسي آئنده جون ڳالهيون ڪئن ڏسي سگهي.

حالتن تي اسانجو اختيار ڪونهي. جيڪي ڪرڻو آهي ڪندا ئي رهون ٿا - شايد گيتا جو فلسفو ’ڪرم ڪر ڪرم جي ڦل جي اِڇا نه ڪر‘ جي تهه ۾ پڻ اهائي حقيقت هجي.

ٻاٻيءَ لاءِ سادر نمستي.

قربن مان
تنهنجو اهو ئي
شيام


غزل

جو آهه اک اڳيان سچو ڏسجي سگهي به ها
دنيا ۾ ڪوجنا ڪا ڀلا ٿي سگهي به ها؟
ڇو موت ءَ حيات ۾ پائين تضاد ٿو،
ڇا موت ڪانسواءِ ڪوئي جي سگهي به ها؟
آپي کان دور ٿي ته ڪو جڳ کي ڏسڻ بنان
معنيٰ سچي صليب جي سمجهي سگهي به ها؟
سچ جهڙو جيڪڏهن ڪي هجي ها نه ڪوڙ ۾
ويسه ڪري ڀلا ڪوئي ٺڳجي سگهي به ها؟
ٻڌندي ئي ڪنهنجو ذڪر ٿي دل بيقرار شيام
نالي ۾ ڪي هجي نه ها ائن ٿي سگهي به ها؟

نئي دهلي
۸۵.۹.۲

پريه اَرجن،

تنهنجو خط پهتل آهي جنهن ۾ تو منهنجن ڪاپين بابت لکيو آهي ته توڏانهن موڪليان ۽ پڻ لکيئه ته شيام جي شاعريءَ تي ڪجهه لکڻ جو اِرادو اٿيئي.



سال ٻه اڳ اهڙي ڳالهه لکين ها (يا ٻيو ڪير لکي ها) ته شايد لنوائي ڇڏيان ها پر هاڻي سمجهان ٿو ته وقت اچي ويو آهي پاڻ مان ٻاهر اچڻ جو.

ڏسيان ٿو ڪي اڄ پنهنجون ڳالهيون ٿو جيڪي

سياڻي اُهي ئي ٻين کي، تون ڏسجان!

ٻه ڪاپيون (هڪ نظمن جي ۽ هڪ دوها، قطعا تصويرون وغيره) اڄ سڀان نه نه شايد پرينهن رجسٽرڊ پارسل ڪري موڪليندوسانءِ. پر اهو ڌيان رکج ته آڪٽوبر جي آخر تائين موٽائي موڪلج. جي ان وقت ڌاري اڪاديميءَ جي ميٽنگ ٿي ته بمبئيءَ ۾ هڪ ٻه ڏينهن وڌيڪ ترسي سگهئين ته اتي ويهي خيالن جي ڏي وٺ ڪنداسين.

پنهنجي شاعريءَ جي پس منظر ۽ شروعاتي محرڪ بابت ته توکي اڳ ئي ٻڌايو اٿم. هڪ لفظ ۾ 'پرڪرتي'. غزل کان ٻه نظم جون سيمائون وڌيڪ سوڙهيون آهن، نظم گهڻو تڻو منهنجي گهرو زندگيءَ جو آئينو آهي. ڏک سک، ڀاو اُڀاو ..... تاثرات وٺندو رهيو آهيان مُنڍ کان ئي. فراق گورکپوريءَ کي سنڌ کان وٺي پڙهيو اٿم. هن جي شاعريءَ کي پنهنجي انتهه ڪرڻ جي ويجهو پاتو اٿم - انگريزي شعر اسڪولي ڏينهن کان پنهنجي آسپاس ڏانهن (گلن ٻوٽن، پکين، ننڍڙن ساهوارن چند تارن وغيره) مُتوجه ڪيو. محبوب جو تصور ٻه آسماني محبوب جو ڪونهي - ها، ائين ٻه هجي ته جسم کان هٽي انساني موهه ممتا ۽ حسن جي احساس کي اهميت هجي.

پر ٻه هن طرح توکي ڇو لکي رهيو آهيان.

پنهنجن شعرن گهڻيئي دفعا مون کي رڳاريو آهي، ته گهڻيئي دفعا من ۾ هيٺ ڀاؤ ٻه جاڳايو آهي، ته نيٺ لکيو ڇا اٿم. انهن بابت ڪهڙي طرح نرنئه ڪري ڪجهه چئي ٿو سگهان؟

شعرن پڙهندي جيڪي ٻه سُجهاوَ يا اصلاحون ڏيڻ چاهين اهي انهن هنڌ پينسل ۾ ڪري ڇڏج جئن پوءِ مان قطعي طرح اتي ئي مس سان ڪري سگهان. جيڪي شعر تنهنجي خيال مطابق ڇپائڻ ضروري نه هجن انهن تي ڪراس (X) هڻي ڇڏج. هاڻي اهي ڪاپيون ئي رهنديون. ٻيهر fair ڪري لکڻ ممڪن نٿو لڳي.

وڌيڪ ڇا لکان؟


قربن مان
تنهنجو پنهنجو
شيام

ٻُڏتر ۾ رهي ناءُ ارادن جي سڄو وقت
هيڏانهن ڪنارو ڪڏهن هوڏانهن ڪنارو!
(آچيندي لڇ مران)

نئي دهلي
۸۵.۹.۹

پريه اَرجن،

اُميد ته مالڪ جي مهر سان هر طرح مزي ۾ هوندين، سڄي پريوار سميت.



اَڄ هڪ ڪاپي (نظمن جي) رجسٽرڊ پارسل ڪري موڪلي رهيو آهيان. پهچ ڏج.

صلاحڪار بورڊ جي ميٽنگ اول سڪ ته ۴ آڪٽوبر ۸۵ع بمبئيءَ ۾ ٿيندي. فارمل ليٽر اوهان وٽ ايندو - جنهن ڏينهن آفيس مان سيڪريٽريءَ جانڻ ٿي چاهيو ته اها تاريخ ٺيڪ رهندي؟ جيومان ته موکي اعتراض ڪونهي.

هيءَ ڪاپي بمبئيءَ اَچج ته ٻي ڪاپي اُتي ڏيندوسانءِ. ٻئي ڪاپيون گڏي پئي موڪليم پر پارسل وڏو ٿي پيو وڃي.

خير.


قربن مان
شيام

ڪهاڻي ۽ مان / ايشور ڀارتي



ڀارت ۾ گذريل اَڌ صديءَ ۾ سنڌي ساهت ۾ ڪهاڻي سڀ کان سرسبز ۽ سبل صنف ليکي ويئي آهي. گذريل ٥٠ سالن ۾ هزارين سنڌي ڪهاڻيون ڇپيون آهن. جن مان ٣٠٠ کن ڪهاڻيون سٺيون خواهه عمديون آهن. مون ٽيهن سالن (١٩٧٢ - ٢٠٠٢) ۾ ڪُلُ ملائي ٤٠ ڪهاڻيون لکيون آهن. مونکي فخر آهي تہ ٣٠٠ خوبصورت ڪهاڻين ۾ ٢٠ منهنجيون ڪهاڻيون بہ شامل آهن. ڪهاڻيءَ مونکي ڏاڍو موهيو آهي. اِنڪري مان ڪهاڻيءَ کي پنهنجي پريمڪا محسوسيندو آهيان. شايد تنهنڪري سنڌيءَ جي ٽن عمدن ڪهاڻيڪارن شيام جئسنگهاڻي، ايشور چندر ۽ لکمي کلاڻيءَ سان مترتا جُڙي ۽ اَدبي رهاڻيون ٿيون. ڪهاڻي لکڻ مهل مان اِظهار جي ڪفايت جو تمام گهڻو خيال رکندو آهيان. پختي ڪهاڻيءَ جو مان قائل آهيان. ڪهاڻيءَ جي رتا ڏانهن لاپرواهي ڪهاڻيءَ کي گهرَ گهلو بڻائي سگهي ٿي، ڪهاڻيءَ جو اَثر گهٽائي سگهي ٿي. سخت اِنتظام ٿي طلبي ڪهاڻي. ڪو سوچ، ڪو ڪردار، ڪو واقعو مون ۾ جُنبش پيدا ڪندو آهي تہ مان قلم کڻندو آهيان. نہ تہ مهنن جا مهنا، وقتي سال بہ گذري وڃن مان خالي هوندو آهيان. هن يگ جي تمام بيهودگين کي ڪهاڻيءَ ڇنائيءَ سان پڪڙيو آهي. تير جيان سڌي ويندڙ ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن بہ ورو ڪڙ (Digression) جي قطعي گنجائش ڪانهي. موپاسان هيمنگوي ۽ منٽو ڪهاڻيءَ جي بندش ڏانهن نهايت سچيت هئا. ڇوٽي قد جي باوجود ڪهاڻيءَ ۾ ماڻهوءَ کي ڌونڌاڙي سجاڳ ڪرڻ جي غضب جي سگهہ آهي. هڪ ئي ويهڪ ۾ محض چند منٽن ۾ ڪهاڻيءَ جو سپرش پائي آدمي پنهنجي هردي ۾ بدلاءُ محسوسي سگهي ٿو. ڪهاڻيءَ جي شڪتيءَ کان جيڪي اَجاڻ آهن اُنهن جي سامهون وشوَ ساهت جي تازين بي شمار عمدين ڪهاڻين مان صرف هڪ ڪهاڻي - هندي ڪهاڻيڪار اَسغروجاحت جي فقط ٽن صفحن جي علامتي ڪهاڻي 'سِومِنگ پوُل' رکجي - جنهن ۾ هڪ نيتا گندي نالي صاف ڪرائڻ بدران پاڻ اُن ۾ مزي سان ترندو ڏيکاريو ويو آهي، گويا سوِمنگ پوُل هجي - تہ حيرت ۾ پئجي وڃن. وِشوَ جي عظيم اَدب مونکي نهايت متاثر ضرور ڪيو آهي، ليڪن اُهو مون تي حاوي ڪونهي. مون وٽ نج پنهنجو نوس نظريو آهي. اَدب جي ڪنهن بہ ٽريند جي نہ مون پرواهہ ڪئي آهي نہ پوئواري. مان سچ جي شاهراهہ جو رهگذر آهيان.

ايشور پارتي



پورو نالو: ايشور لالچند مورجاڻي پارتي

جنم : ١٧ جولاءِ ١٩٤٢ع

جنم آستان : ٽنڊو آدم (سنڌ)

تعليم : بي.اي. (گجرات يونيورسٽي)

پيشو : ڌنڌو

ڇپيل ڪتاب : ديوارون (ناول - ١٩٧٤)

زهر (٦ ڪهاڻيون - ١٩٧٨)

دشمن (٩ ڪهاڻيون - ١٩٨٢)

پهاڙ (٦ ڪهاڻيون - ١٩٨٦)

خوشيرام جي ٻولها ۾ (٥ ڪهاڻيون - ١٩٨٩)

گردش (٦ ڪهاڻيون - ١٩٩٧)

جهرڪيون (٩ ڪهاڻيون - ٢٠٠٢)

هندي :

باڍ (١٩٩٢)

اِنعام : آکل ڀارت ڪهاڻي چٽاڀيٽي، راجستان سنڌي اڪادمي، ٻه دفعا اِنعام.

’خوشيرام جي ٻولها ۾‘ ڪهاڻي سنگرهه تي هيؤمن رسورس طرفان سال ١٩٩٢ ۾ اِنعام.

گجرات سنڌي اڪادميءَ طرفان سال ١٩٨٤ ۾ ’دشمن‘ ڪهاڻي - سنگرهه تي اِنعام.

سرنامو : B-8, Kanwar Society
Mangal Park, Kank aria
Ahmedabad - 380022

ملي ويو. هنکي هڪ فليٽ ۽ ڪجهه رقم ڏان وٺان ملي ۽ هُو ڪنهنجي زندگي مِٽائڻ جي اِنتظار ۾ رهيو. اَڄ هنکي اِهو ڪم سونپيو ويو ۽ هُو هڪ سبربَ جي پليٽفارم تي هڪ وچولي عمر جي آدميءَ کي شوٽ ڪري آيو هو.

هن وسڪيءَ جو ڍُڪ پريو. روالور ڇا ته ڪمال جو هٿيار آهي، هن سوچيو. ٽرگر دٻاءِ ۽ ٻه لک جيب ۾! هن پنهنجي پيءُ جي ڪلپنا ڪئي، جيڪو کاديءَ جو ڪڙتو پئجامو ۽ ٽوپي پائي هٽ ۾ ڇَني پڪڙي اِسڪول ويندو هو ۽ شاگردن سان يٺي هٽندو هو. ٻيءِ منهنجي زندگي ٻه سندس وانگر برباد ڪرڻ تي ُچاهي. ڪي ماڻهو پنهنجي کول مان اَصل ٻاهر نه نڪرندا آهن، هڪ ئي هنڌ بيٺا هوندا آهن ۽ پاروٽا ٽي مرندا آهن. ٻيءِ مان سڄ پڇ بانس ايندي هئي.

صوفا تان اُٿي هُو بيڊ روم ۾ ويو. هن لائيٽ ٻاري. هن وارڊ روب کوليو ۽ سفيد شرٽ پئنٽ هئنگرس مان لاهي پلنگ تي رکيائين. گنجي ڪڇو ٻه رکيائين ۽ باٿ روم ۾ وڃي شاور باٿ ورتائين. سفيد شرٽ ۽ پئنٽ پائي ڊريسر جي آئيني ۾ ڏسي هُو وار سنوارڻ لڳو. منهنجي هيئر اِسٽائيل رِتِڪ روشن کان ٺاهُوڪي آهي، هن سوچيو شاهه رخ خان کان ٻه ٺاهُوڪي آهي.

پنهنجي عڪس سان مخاطب ٿي هن چيو : تون هڪ نهايت شريف آدمي پيو لڳين، مسٽر ڪَرڻ شِندي. اِهو سفيد ڊريس جو جادو آهي! اَسان جا نيتا سفيد ڊريس اِنڪري ته پائيندا آهن. بلڊي باسٽرڊس سندن ڪَرپٽا اِن ۾ ڍَڪي ڇڏيندا آهن. تو ته اَڄا صرف هڪ قتل ڪيو آهي ۽ سماجڪ ڳَڏ مان نڪرڻ لاءِ ڪجهه ٻيا خون ڪندين. ليڪن هي حرامزادا ته قتل - اي - عام ٿا ڪن. ماڻهن جي جذبات سان ڪيلي ڪين اُلو ٿا بڻائين. ڪيڏي نه نفاست سان پنهنجو پِيٽ ٿا پرين!

اَچانڪ هنجي عڪس جي جڳهه تي هنجو پتا هردينات شِندي نمايان ٿي پيو. پيءُ کي ڏسي هنکي جهٽڪو لڳو. گرجندي چيائين :

'تون هتي ڪيئن؟'

'مان سدائين توسان گڏ آهيان،' هن پاپوهه مان چيو.

'مون توسان ۽ آئيءَ (ماءُ) سان سڀ سنٻنڌ ڇني ڇڏيا آهن.'

'اَسين تنهنجي رت ۾ آهيون.'

'ڇا بڪواس آهي!'

'تون مون سان ۽ تنهنجي ماءُ سان جڙيل آهين. تون اَسان جا سنسڪار پاڻ مان مِٽائي نٿو سگهين.'

'مان جيڪو چاهيندس اُهو ڪندس. مان نهايت ڪامياب ٿيڻ ٿو چاهيان. تو جهڙي بدحاليءَ ۾ جيئڻ نٿو چاهيان. مون پنهنجو ڪاريه شروع ڪري ڇڏيو آهي.'

'ڪاريه! تون اِن کي ڪاريه ٿو سڏين؟ اُلٽو تو پاپ ڪيو آهي. تو هڪ معصوم جي حياتيءَ جو خاتمو ڪيو آهي. هنجي ٻارن کي اَناٿ ڪيو آهي. هنجي زال کي وڌوا ڪيو آهي. پنهنجي غليظ وشئه واسنا لاءِ تو هڪ پريوار کي پڙپانگ ڪيو آهي.'

'اَڙي! تون سمجهين چو نٿو، ٻدا؟ هيءَ دنيا بگڙيل آهي. هن ۾ زندهه رهڻ لاءِ بگڙيل هئڻ لازمي آهي.'

کھاڻي / اِيشور ڀارتي

شارٽ ڪٽ

وِٺن هنکي گليءَ جي منهن وٽ لاهي تيزيءَ سان رواني ٿي ويئي. هوُ گليءَ ۾ گهڙيو. گليءَ جي ٻنهي پاسي پراڻيون بلڊنگون هيون. اِسٽريٽ لائيٽس اَجا هاڻ ٻريون هيون. هوُ هڪ بلڊنگ ۾ گهڙيو ۽ ڏاڪڻ جا ٻه ٻه ڏاڪا چڙهندو فرسٽ فلور تي پنهنجي فليٽ وٽ ويو. هن فليٽ جو دروازو کوليو ۽ اَندر داخل ٿي اُهو بند ڪيو. هن لائيٽ ٻاري. ڊرائنگ - روم بگڙيو پيو هو. وسڪيءَ جي اَڌ خالي بوتل سينٽر ٽيبل تي رکي هئي. بوتل کڻي هوُ هڪ ئي ڳيت ۾ گٽ گٽ ڪري پيگ ڪن پي ويو. هنجي ڇپن تي هڪ عجيب مشڪ اُڀري ويئي. بوتل ٽيبل تي رکي هن پئنٽ جي کيسي مان روالور ڪڍيو ۽ اُن کي ڇمي ڪئبينيٽ جي هڪ خاني ۾ لڪائي رکيائين. هوُ صوفا تي ويٺو ۽ شرٽ جي کيسي مان سيل فون ڪڍي نمبر ڊايل ڪري چيائين :

’ڀائي؟‘

’ها.‘

’مان ڪَرڻُ. ڪم ٿي ويو. نه، ڪنهن ٻه نه. تيزيءَ سان ٿي ويو. هڪ ڇري عورت منهنجي پنيان پيئي، پر مون وٽ نه پهچي سگهي.‘

’گڊ! سياڻي ملجانءِ.‘

هن سيل فون ٽيبل تي رکيو ۽ بوتل کڻي هڪ ڀيو تمام وڏو ڍُڪ ڳڙڪي ويو. هن ڏن هل مين ٿول سگريٽ دکايو ۽ ڪجهه اونها ڪش هڻي ڦِڙڙي آئش - ٽري ۾ وڏائين.

مهاراشٽر جي هڪ ننڍي شهر مان هوُ ممبئيءَ آيو هو. هن مهانگر جو هوُ ديوانو هو. اِن جي چمڪ ڏمڪ هنکي چڪاچوند ڪندي هئي، هندي فلمن ذريعي هن اِن جي تڙڪ ڀڙڪ ڏٺي هئي. فلمون ۽ فلم اِسٽارس هن تي ڇانيل هئا. هن ٻه هنن وانگر عيش عشرت ۾ ٿي جيئڻ چاهيو. مهانگر جي نسبت ۾ هنجو ننڍو شهر هنکي مردار لڳندو هو. هن اُتي وئرت ٽيڻ نٿي چاهيو. هوُ هئنڊسم هو - ڇهه فوٽ ڊگهو، سنهو ۽ گورو. هوُ فلم اسٽار ٿي سگهيو ٿي، هنکي وشواس هو ۽ ڪروڙين رپيا ڪمائي موج ڪري سگهي ٿو.

هوُ گرئجيوئيٽ ٿيو ته هنجي پتا جيڪو ماسٽر هو هنکي ٻه ماسٽري ڪري آرام سان جيون گذارڻ جي صلاح ڏني. ماستريءَ کان هنکي ڳهرڻا هئي ۽ هڪ ڏينهن ماءُ جو سونو لاڪيٽ چورائي هوُ ممبئيءَ پڄي آيو. هڪ سستي گيسٽ هائوس ۾ وڃي رهيو ۽ مهنو ٻه ڏڪا کائڻ کان پوءِ ٻه کيس ڪو ڪم نه مليو.

هڪ بيئر بار ۾ هڪ نوجوان سان اِتفاقي گڏجاڻيءَ هنجي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. اُن نوجوان کي هن ٻڌايو ته هوُ ڪم جي ڳولها ۾ هو ۽ تڪڙو ناڻو ناهي هن عيش ڪرڻ ٿي چاهيو. نوجوان هنکي هڪ مافيا ڊان وٽ وٺي ويو. ڊان، جنهنکي هنجي ڇاڙتن ڀائي ٿي سڏيو، هنکي ٻڌايو ته هوُ هڪ خون لاءِ ٻه لک رپيا ڪمائي ٿي سگهيو. هوُ ڪاليج ۾ NCC ۾ رائيفل هلائڻ سکيل هو ۽ سنو نشانيباز هو. اِنڪري هن کي ترت شوٽر جو ڪم

ڪهاڻي/هري موٽواڻي

بارود



اَحمدآباد جي هڪ اَدبي سيمينار ۾ منهنجي هن سان ملاقات ٿي هئي. اُها ملاقات اَڳتي هلي دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي. کيس سنڌي ساهت پڙهڻ جو شوق هو، ڪونج جو لائيف ميمبر بڻيو هو.

ساهت سان گڏ سنگيت ۾ به سندس رُچي هئي. وڏيڪ ئي هئس. سنگيت ۾ ٺمري هن جي من پسند راڳڻي هئي. ٺمري ڳائڪائن جون ڪيتريون ئي ڪئسيٽون گڏ ڪيل هئس. ٺمري ٻڌي نشو چڙهي ويندو هوس. ڪنڌ جهومڻ ۽ هٿ ائڪشن ۾ اَچي ويندا هئس.

ڪاروبار بئنڪنگ جو هوس. وياج وٺي تي رقمون ڏيندو هو. بمبئيءَ اڪثر ايندو ويندو رهندو هو. بمبئيءَ اَچي ته مون کي فون ڪري هوٽيل تي گهرائيندو هو. گجرات ۾ شراب بندي هئي، بمبئيءَ ۾ دل کولي پيئندو ۽ پيئاريندو هو.

هڪ ڏينهن اَحمدآباد مان فون ڪيائين. چيائين، 'هيلو، ڪاڪا! منهنجو هڪ ڪم ڪندا؟'

منهنجو سنڌ وارو سفرنامو پڙهيو هئائين. اُتي مونکي سڀ ڪاڪو ڪوٺيندا هئا ته هن به ڪاڪو ڪوٺڻ شروع ڪيو.

مون وراڻي ڏنس، 'هائو، ٻڌاءِ، ڪهڙو ڪم آهي!'

'منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌجو. ٻڌو پيا نه؟'

'هائو، ٻڌان پيو.'

'بمبئيءَ ۾ هڪ نئين ٺمري ڳايڪا آئي آهي. ڏاڍو سٺو ٿي ڳائي. مان کيس ٻڌڻ ٿو چاهيان. توهان پتو لڳايو ته هوءَ ڪٿي ڳائيندي آهي؟'

'نالو ته ٻڌاءِ نه.'

'نالو چمپا بائي اَٿس.'

'چمپا بائي!' مون عجب ظاهر ڪندي چيو، 'پوءِ ته ضرور ڪنهن ڪوٺي تي ڳائيندي هوندي! تون ڪوٺي تي هلندين؟'

'ڪاڪا، ڪوٺو ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. مان ته ڪٿي به کيس ٻڌڻ لاءِ وڃي سگهانٿو!'

'چڱو، مان جاچ ڪندس.'

ٻئي ڏينهن هن وري فون ڪيو. مون چمپا بائيءَ جو پتو لڳايو هو. هوءَ آپيرا هائوس جي ويجهو، هڪ ڪوٺي تي مجرو ڪندي هئي. مون کيس اِها جاڻ ڏني.

اُتساهه وچان چيائين، 'ڪاڪا، ڇنڇر رات جو پاڻ کي فري رکجو. پاڻ ٻئي اُتي هلنداسين.'

مون ٿورو هبڪندي چيس، ' مون جهڙي سفيد

’نہ! دنيا کي نيڪ ڪرڻ لاءِ اسان جو تمام سٺو هئڻ نهايت ضروري آهي.‘

’اُهو ڪاريہ تہ تون ڪري ئي رهيو آهين. هاڻ ٿر هتان.‘

’هن وقت تون هوش ۾ نہ آهين. مان ڪنهن ٻئي دفعي ايندس.‘

’مهرباني، وڏي مهرباني! پر وري مون سان گڏجڻ جي تڪليف نہ ڪجِ.‘

هردينات پنهنجي پٺ ڏانهن ترس وچان نهاريو ۽ اَلوپ ٿي ويو. هنجي غائب ٿيڻ سان ڪَرڻ جو عڪس وري ظاهر ٿي پيو. ڪَرڻ کي مخاطب ٿي چيائين:

’هن ٻڍي ڪڙوس سان ڇو پئي مٿاڪٽ ڪيئہ؟ هي تنهنجي راهہ جي رنڊڪ آهي. پاڻ مان لوڏي ڪڍيس. موج ڪر. ڇا اَڄ رات مينڪا سان نہ گڏبين؟ ڇا تہ مائيدار بدن اٿس!‘ هن ڪَرڻ کي اَک پَٽي.

’ها، هوءَ مست آهي!‘

هن ٻوٽ پاتو، پرس کيسي ۾ وڌو، بتيون وسايائين، فلئٽ جو دروازو لاڪ ڪيائين ۽ ڏاڪڻ لهي هيٺ آيو. ٽئڪسي ڪرڻ کان اڳ هن سيل فون تي مينڪا کي ٻڌايو تہ هوُ اڄ رات هن وٽ اَچي رهيو آهي.

Queen's Beauty
opp. Electricity House,
Releif Road,
Ahmedabad - 380001

پئي آيو.

’بزنيس جي ٽرپ هئي.‘

’ظاهر آهي، اُتي اَسين اُوهان کي ڪٿي ياد هونداسين؟‘

هوءَ نزاڪت سان سامهون اَچي ويني.

منهنجي دوست پاڪيٽ مان پرس ڪڍي کوليو.

منهنجي ليکي پرس مان نوٽ ڪڍندو. مگر هن پرس مان نوٽ نہ، هڪ فوٽو ڪڍيو.

مان اَچرج وچان اُن فوٽي کي ڏسڻ لڳس.

اُهو ننڍڙو ڪلر فوٽو چمپا ٻائيءَ جو هو.

هن اُهو فوٽو اڳيان وڌائيندي، چمپا ٻائيءَ کي ڏيکاريندي چيو، ’توهان اسان کي هر وقت ياد آهيو، هن پرس ۾ محفوظ آهيو!‘ هن جي چپن تي مرڪ نچڻ لڳي.

چمپا ٻائي پنهنجو فوٽو منهنجي دوست جي پرس ۾ ڏسي هڪ طرف تپرس ۾ پئجي ويئي تہ ٻئي طرف فخر جو احساس بہ ٿيس. اُمالڪ هوءَ اُٿي بيٺي ۽ اندرئين ڪمري ۾ وڃي، هڪ لفافو کڻي موٽي آئي. لفافو کولي، اُن اندران هڪ پرزو ڪڍي، منهنجي دوست اڳيان ڪيائين. هو حيران ٿي ويو. منهن مان نڪري ويس، ’هيءُ تہ مون وارو چيڪ آهي! اَجا تائين نہ مٽايو اٿيئي؟ هيڏانهن ڪر تہ اِن جا توکي ڪئش ڏيان!‘

چمپا ٻائيءَ چيڪ سوڌو هٿ پري هٽائي ورتو. مشڪندي چيائين، ’توهان منهنجو فوٽو پنهنجي پرس ۾ رکي سگهو ٿا تہ ڇا مان اوهان جو ڏنل هيءُ چيڪ پاڻ وٽ سانڍي نٿي سگهان!‘

منهنجو دوست لاجواب ٿي ويو. شايد من ئي من خوش بہ ٿيو هو. پوءِ بہ چمپا ٻائيءَ طرف نهاري چيائين ’فوٽو محض فوٽو آهي، يادگيريءَ طور آهي، ۽ هيءُ چيڪ آهي، جنهنجا توکي پئسا ٿا ملن!‘

چمپا ٻائيءَ جو منهن ملول ٿي ويو. ڏوراپي ڏيڻ واري اندازي ۾ چيائين، ’ائين برابر آهي تہ اسين پئسن لاءِ نچون ڳايون ٿا، ليڪن اسان جي دل بہ چاهيندي آهي تہ اسين اوهان جون ڏنل سوکڙيون ۽ سوغاتون سانڍي رکون، جيئن اوهان منهنجو فوٽو سانڍي رکيو آهي!‘

ايترو چئي، هوءَ بنا جواب ٻڌڻ جي، اندرئين ڪمري ڏانهن هلي ويئي.

اَسين ٻئي، خاص طور منهنجو دوست، دل تي هڪ بوجو کڻي، هيٺ لٿاسين. اُهو بوجو چمپا جي ڏوراپي جو هو يا چيڪ سانڍي رکڻ جي فخر جو، اُهو مان چئي نٿو سگهان ......

ڪيتريون موسمون بدليون - اونهارو آيو، سيارو آيو، بهار آئي، پن ڇڻ واري سرءُ جي مند آئي، پر منهنجو دوست، اَحمدآبادي دوست، ممبئيءَ نہ آيو. اِن وچ ۾ مان هانگ ڪانگ جو سير سفر ڪري آيس. اُن جو احوال بہ مخزن ۾ ڇپيم، جيڪو پرچو ان رمارڪ سان واپس موٽي آيو تہ ’ماڻهو موجود ڪونهي.‘

مان حيران تہ آخر هو ويو ڪيڏانهن.

سال کن تہ واهہ جو گذري ويو هوندو. اُمالڪ هڪ ڏينهن هو اَچي سهڙيو. تاج محل هوٽيل مان فون ڪيائين، ’فورن اَچ!‘ روم نمبر ۽ فون نمبر بہ ٻڌايائين.

مان ڪلاڪ کن بعد وٽس پهتس. هو انتظار ڪري رهيو هو.

پهرين تاج جي سئي ۽ مهانگي بيرن ڪاڏيسين، پوءِ جوس ۽ پوءِ حال احوال ڏنائين.

اڳئين ڀيري واري يورپ جي ٽرپ ۾ ڪي

ريش لاءِ ڪوٺي تي هلڻ واجب نہ ٿيندو، تون اڪيلو ئي وڃ!'

ٺهڪ ڏيئي کليو.

مان چپ رهيس.

کلندي چيائين، 'ڪاڪا، توهان پلجي ويا آهيو نہ اوهان ليڪ آهيو. ليڪ ڪڏهن بہ پڊو نہ ٿيندو آهي. توهان پاڻ هڪ دفعي هنديءَ جي ليڪ جئنيندر ڪمار جو هڪ گفتو ٻڌايو هو جنهن ۾ هن چيو هو تہ 'سرير پڊو ٿيو آهي تہ ڇا ٿيو دل تہ جوان آهي!' ڪاڪا، دل ڪان اوهان بہ جوان آهيو!' ۽ هن فون رکي ڇڏيو.

ڇنڇر واري رات جو اسين ٻئي چمپابائيءَ جي ڪوٺي تي وياسين. ڇهل پهل شروع ٿي ويئي هئي. اسين ٻئي هڪ طرف، جاءِ ڏسي، ويهي رهياسين.

واقعي ڪمال جي ٺمري ڳاتائين. ڳائيندي ڳائيندي جيڪي مُرڪون پئي ڏنائين، تِن، تَن مان سياڻو پئي ڪڍيو. ڪيترن شائقن مٿس نوٽ پئي گهوريا.

منهنجو احمدآبادي دوست شانت چِت، صرف راڳڻي ٻڌي رهيو هو ۽ هلڪو هلڪو جهومي رهيو هو.

رات جو ڏهين بجي کان پوءِ ڪن شائقن وڃڻ شروع ڪيو. ليڪن اسين ويٺا رهياسين.

سوائين يارهين بجي چمپا بائي اسان جي سامهون اَچي سلام ورايو. سمجهي وياسين تہ هن رخصت پئي چاهي. ساڻ ساڻ سلام ڪري، بخشيش بہ طلبي رهي هئي.

منهنجي دوست، بريف ڪيس مان هڪ لفافو ڪڍي، چمپا بائيءَ طرف وڌايو. هن هيٺ جهڪندي، سلام ڪري، لفافو ورتو ۽ پٺ ورائي.

اسين ٻئي هيٺ لهي آياسين.

مون ڏٺو، منهنجو دوست، اڃا تائين راڳڻيءَ جي سُرن جي زير اَثر هو.

اُن بعد هن جو نيم ٿي ويو. جڏهن بہ بمبئيءَ ايندو، شام تائين سمورا ڪم پورا ڪري، رات جو ڪوٺي تي پهچي ويندو. رات جو يارهين - سادي يارهين بجي تائين چمپا جي ٺمري ٻڌي، ٽئڪسيءَ ۾ واپس موٽندي، مون کي، منهنجي گهر لاهيندو، هوٽيل ۾ هليو ويندو هو.

بہ اَدائي مهنا هو آيو ئي ڪين. الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. سندس فون بہ نہ آيو. مان پنهنجن ڪمن ۾ مشغول رهيس.

هڪ ڏينهن هو اَچي پهتو، ۽ اَسين ڪوٺي تي وياسين. مون ڏٺو، منهنجي دوست کي ڏسي، چمپا بائيءَ جون اکيون روشن ٿي ويون هيون، ائين جئن سورج اُڀرڻ سان هر ڏِسا روشن ٿي ويندي آهي. منهنجي دوست جي چهري تي پڻ اَهڙي آيا ڦهلجڻ لڳي، جئن صبح جي تازي هير لڳڻ تي، ڪومايل گل تڙي پوندو آهي!

رات جو جنهن وقت نويڪلائي ٿي تہ چمپا بائيءَ سامهون اَچي، مرڪندي چيو، 'طبيعت ناساز هئي ڇا؟'

اِهو سوال منهنجي دوست کان هو.

هن ئي وراڻي ڏني.

'يورپ ويو هوس.' هن هلڪو کلندي ٻڌايو.

'توهين يورپ ويا هئا؟' هن کي شايد وشواس نہ

پاڻ ٽورو اندر ٽي بيلي. اسين جيئن تيئن ڪوليءَ اندر داخل ٿياسين.

مون ڏٺو بين ڪولين ۾ ويٺل ۽ بيٺل، موهن ڪلپنا موجب، اڌ ڪلاڪي پريتمائون، آسان کي ڏسي مشڪل لڳيون هيون. هنن ليکي اسين سٽيون آساميون هئاسين ۽ چمپا جي ڀاڳ تي رشڪ ڪائي رهيون هيون.

’ڪيئن ڳولهي هٿ ڪيوَ؟‘ چمپا پلنگ تي وڇايل چادر جا گهنج سڌا ڪندي پڇيو.‘

آسان ڪجهه نه چيو.

’ترسو، هڪ ڪرسي پاسي واري ڪوليءَ مان کڻي ٿي اَچان.‘

’نه، اسين هتي ٺيڪ آهيون!‘

منهنجي دوست جيئن تيئن وات کوليو.

’جهوني ڪوٺي تي ويا هوندا، اُتان خبر پيئي هوندوَ؟‘

’ڪنهن طرح پتو هٿ ڪيوسون.‘ مون ٻڌايو.

’ويهو ته مان توهان کي ٻڌايان ته مان هتي ڪيئن پهتس!‘

آسان جي به اِها ئي منشا هئي ته هن کان پڇون ته هوءَ هتي ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ پهتي هئي!

هن پاڻ ئي پنهنجي باري ۾ ٻڌايو.

’زندگي ڏاڍي بي رحم آهي!‘ چمپا اسان کي پلنگ تي ويهاري، پاڻ اسان جي سامهون ڪرسيءَ تي وهندي چيو.

مون سوچيو هيءَ زندگي لفظ به عجيب آهي. ڪڏهن بي رحم ته ڪڏهن مهربان! ڪڏهن ڪوڙي وِهه ته ڪڏهن مٺي جهڙي ماکي! چمپا جي ڳالهين مان اِها ئي سچائي سامهون آئي. چيائين :

’ڳايم وڄايم پئي، توهان جهڙا قدردان آيا ويا پئي، زندگيءَ سان ڪا شڪايت ڪا نه هئي. هڪ ڏينهن نگر سيوڪ آيو ۽ مون سان رات گذارڻ جي چاهنا ظاهر ڪيائين. مون چيس : مان وئشيا نه، ڳائڻي آهيان. هن ڪلندي چيو : ساڳي ڳالهه آهي. مون چيو : ساڳي ڳالهه ڪانهي. هو جسم فروش آهن، مان راڳ ڳائي بخشيش وٺندي آهيان! چڙي پيو. چيائين : راضي خوشيءَ نه مڃيندينءَ ته زبردستي ڪندس! ايترو ٻڌائي هوءَ ماٺ ٿي ويئي. اسان جي دلين اندر بارود دکڻ لڳو.

’هڪ رات ڪوٺي تي ريڊ وڄائي، مون کي زبردستيءَ پنهنجي بنگلي تي کڻائي ويو. مون کيس گهڻوئي سمجهايو ۽ ٻاڏايو ته مان جسم فروش نه، گائڪا آهيان، ڪلاڪار آهيان، پر هو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. جڻ منهنجو مخول اُڏائي رهيو هو. اُن ئي رات، هن وحشيءَ مونکي وئشيا بڻائي ڇڏيو! ......‘

جڻ بارود ڦاٽو، وڏو ڌماڪو ٿيو ۽ اسان جون دليون پرزا پرزا ٿي اُڏامي ويئون! ....

جڏهن بارودَ جو ڌماڪو گهٽ ٿيو، دونهون هٽيو، تڏهن آسان ٻڌو، چمپا ٻائي چئي رهي هئي،’اُن ڏينهن کان مان ٺمري گائڪا نه، جسم فروش رنڊي آهيان! ‘ ....

اُن بعد مون پنهنجي اَحمدآبادي دوست کي ڪڏهن نه ڏٺو ......

4, Great Western Building,
Shaheed Bhagat Singh Marg,
Mumbai - 400 023

ڪانٽيڪٽ ناهي آيو هو. هن ڏفعي ويو ته هنن پنهنجي هن دوست کي، آميريڪي آرميءَ لاءِ هڪ ٺيڪو وٺي ڏنو. آميريڪا افغانستان جي دهشتگردن مٿان هوائي حملا ڪري رهيو هو، ڪين ڪنهن خاص چيز جي درڪار هئي جا منهنجي دوست کين سپلاءِ ڪئي. اُن ٺيڪي ۾ هن لکين ڊالر ڪمايا! جنگ بند ٿي ته ٺيڪو به پورو ٿيو. هو هندستان موٽي آيو.

پئسي کي وڏو ٻل آهي. اڳ ۾ هو بمبئيءَ ايندو هو ته مڊل ڪلاس هوٽيل ۾ رهندو هو. اڄ هن وٽ ڊالرن جي روپ ۾ پئسو جام هو ته تاج محل جهڙي مهانگي هوٽيل ۾ اچي رهيو هو. ڪار به هوٽيل وارن جي ئي هئي، جيڪا ايئر ڪنڊيشنڊ هئي. هن کي اوچي ڊوتل ڊريس پيل هئي.

اُن رات هو مون کي، تاج واري ڪار ۾، چمپا ٻائيءَ جي کوٺي تي وٺي ويو. ليڪن پنڇي اُڏري ويو هو ۽ پڃرو خالي هو.

هن کي ڌڪو اچي ويو. خالي خالي نگاهن سان هو مون طرف نهارڻ لڳو. مون کي لڳو، وچ سمنڊ ۾ هن جو غوراب ٽُٽي، ٽُڪر ٽُڪر ٿي پيو هو ۽ هو هٿ پير هڻي، ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

مون هن کي دلداري ڏيندي چيو، 'پتو لڳائي ٿو وٺان ته هوءَ ڪيڏانهن ويئي!'

هو آسائتين نگاهن سان مون طرف نهارڻ لڳو. مون کي لڳو ته ان خالي سون جي پڃري جو ڪو ملهه نه هو جنهنجو جيئرو جاڳندو پرندو اُڏري ويو هو!

مون ٿورا پئسا خرچ ڪري، چمپا ٻائيءَ جو پتو هٿ ڪري ورتو.

اسان جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪار هڪ اهڙي محلي طرف وڃڻ لڳي جتي جيڪر ڪير به وڃڻ کان ڪيٻائي.

اُهو چڪلو هو - ريڊ لائيٽ ايريا!

ڪار کي روڊ تي بيهاري، اسين ٻئي، چمپا ٻائيءَ واري پتي تي، ڪيس ڳولهڻ لاءِ، هڪ گهٽيءَ ۾ داخل ٿياسين......

مان اُن رستي تان گهڻا ئي ڀيرا لنگهيو آهيان. لڇمڻ ساٽيءَ جي پريس ۾ ويندي، گهر وٺان بس نمبر ٦٥ يا ٦٩ ۾ چڙهي، هن ئي رستي تان وڃڻو پوندو هو.

منهنجي دوست جو من مايوس ۽ منجهيل هو. دل ڪچي ڪچي پئي ٿيس. ڪٿي آميريڪا رٿن شاهوڪار ۽ ڪٿي بمبئيءَ جي هڙي گندي گهٽي - ريڊ لائيٽ ايريا!

اَسان چمپا ٻائيءَ جي کولي ڳولهي ڪڍي. هوءَ کوليءَ جي دروازي وٽ، هڪ ڪُرسيءَ تي ويٺي هئي. گهرو ميڪ اپ ٿيل هوس جنهن مان هوءَ سهڻيءَ بجاءِ، بد صورت پئي لڳي.

اَسان کي ڏسي، مشڪي، اُٿي بيٺي.

منهنجي دوست جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. چمپا کي هن حال ۽ روپ ۾ ڏسي جڻ ته هوُ شڪل کان جو بند ٻڌجي ويو هو.

چمپا ئي ڳالهايو.

'مون کي خاطري هئي ته هڪ ڏينهن توهان مونکي ڳولهي لهندا!'

اَسين ٻئي اَچا چپ بينا هئاسين.

چمپا اِشارو ڪري چيو، 'اَچو اندر اَچو.' هوءَ

هڪ نندي شيشيءَ ۾ پيل ڪجهه ٻج ڏسڻ ۾ آيس جي ڪيس سنڌس هڪ نائيجيرين فرينڊ ڪافيءَ کي زياده ڪوڙو بڻائڻ لاءِ ڏنا هئا - هڪ ڪڏي ڪافيءَ ۾ وڌائين. بلئڪ ڪافي ٺاهي وڏي مگ ۾ اوتيائين. ڪافيءَ جو مگ کڻي شيشي جي ديوار ۾ ويهي ڪافي سِپ ڪندي رهي. هوا سنڌس سفيد سنهڙي بلائوز اندر ڪيل بيڙن جي حصن ڪان اندر وڃي ڪيس ڪتڪتائي ڪندي رهي. ان عجيب عجيب احساس ڪان هڪ مسڪراهٽ هلڪڙي سنڌس چپن تي اچي ويئي. ڪافي ختم ٿيندي ٿيندي هوا جو شايد رخ بدلجي وڃڻ ڪري ڪيس گرميءَ جو احساس ٿيو. ڏٺائين تہ شيشن جي ٻاهر گرمي پد وڌڻ ڪري وڏيل ٻاڦ پسيني جيان ليڪن ۾ هيٺ وهڻ لڳي آهي. ٻي - ساعت ۾ ڪيس لڳو تہ اهڙو پسينو سنڌس سرير - ڇاتيءَ اندر وهڻ لڳو آهي. ڪيترائي خيال ڪيتريون ئي ڳالهيون سنڌس سوچ جو حصو بڻجي ويون. نيرس ءَ ڪمزور محسوس ڪرڻ لڳي. اهڙي ڪيفيت مٿس پهرين بہ طاري ٿي هئي. جهبليو هئائين. تنها جيون جا لمحا اُنجو ڪارڻ آهي اهو بخوبي ڄاڻي ورتو هئائين. چاهيائين تہ هڪ ٻيو گرما گرم ڪافيءَ جو مگ ٺاهي پي وٺان پر رهڻ ڏنائين.

دري بند ڪري ايئر ڪنڊيشنر آن ڪيائين. هال مان ئي ٽائليٽ هو. کليل در ڪان اندر ويئي. شاهي آئيني اڳيان بيني رهي. سڀ ڪپڙا لاٿائين. گرين ماربل جي لنبي ڪائونٽر ۾ فِٽ ٿيل آرينج رنگ جي واش بيسن مٿان لڳل نل کولي پاڻي ٻُڪ ۾ ڀري اکين تي ڇنڊا هنيائين. ٽورو ڪائونٽر ڪان هٽي بيني. ٻانهون ءَ جنگهون ڦهلائي ٿوري ورزش ڪيائين. هونئن پڪا ويه منٽ اُن ۾ معروف رهندي هئي. هڪ منٽ لاءِ انگلش ڪموڊ تي ويني اُٿي فلئش هلايائين. پر واري ديوار تي هڪ والو کولي شاوَر آن ڪيائين. ٽورو هٽي ڪاچ جي ٽاڪ تان وڪٽوريا سيڪريٽ ٻائنگ ڪريم ڪڍي هٿ تي اوتيائين. ٻانهن، ڪُلهن، ڳچي ڇاتين، پيٽ سٿرن ءَ جنگهن تي ٿوري ٿوري لڳائي ڇڏيائين.

ڪائونٽر جي ڪاٻي ڪنڊ ۾ رکيل اَڇي رنگ جي فون جي گهنٽي وڳي. لپڪي رِسيوَر کنيائين.

– ڇايا اِنّس مي.

– يس.

– سپاٽي ٽائين X9 اينڊ WOI پوري پڪ. اِنٽرنيٽ تي رات جو هڪ بجو.

– ٿئنڪيو ويري مچ. تون سپاٽي سينگاپور پهچين پئي. نو چينج پنڇالي.

– يس باقي سينگاپور پهچي.


– او. ڪي.

سنڌس مک مان ملوليت غائب ٿي ويئي. لڙيل هينيون چپ اندروني ڪيفيت جي بدلاو ڪان ڪنجي ويو. پنهنجو مُک ڏسڻ لاءِ آئيني اڳيان تي بيني. پر فون واري وارتالاپ سنڌس اکين جي نهار تي غائب هئڻ ڪري ڇهري جي بدليل ڀاو ڪان واقف ٿي نہ سگهي.

هئي ڪن سنڌس ڌيان شاور جي پاڻيءَ جي آواز ڇڪايو. شاور هينان ويئي. ڪن ٻاهر تي بيني. سرير تي لڳل ڪريم هٿن سان ملڻ ءَ مهٽڻ لڳي. ڳچيءَ سنڌس ميٽوري چمڙيءَ کي اَجاڻ ۾ بدلائي ڇڏيو. شاور هينان وڃي ڪيتري دير تائين اِشنان ڪندي رهي. شاور بند ڪيائين. وڏو اَڇو ٽوال هڪ اِسٽيل جي هئنگر تان لاهي آهستي آهستي بدن سُڪايائين. هال اندر اَچي ڪنڊ طرف نهاريائين جتي خاڪي پني ۾ ويڙهيل لانڊريءَ ڪان آندل ڪپڙا ڪارپيٽ تي پيا هئا. هڪ پينٽي هڪ اَڇي

ڪهاڻي / گوپال ٺڪر

هڪ الڳ وچاٽل زندگي



هوءَ ايڪويهين ماڙيءَ تي رهندي هئي. جو بلڊنگ جو آخرين ماڙ آهي. فليٽ خريد ڪرڻ کان پوءِ هڪ چاٽل آرڪيٽيڪٽ جي مدد سان جيئن پاڻ چاهيو هئائين فليٽ ۾ تبديليون ڪرايون هئائين. پهرين ڪامپيوٽر تي آٽو ڪئڊ جي سهوليت سان آرڪيٽيڪٽ سان سڀ طئه ڪيو هئائين. آرڪيٽيڪٽ سندس ٽيسٽ ۽ ڪيفيت کي داد ڏنو هو. ڪچن ۽ ٽائليٽ ملايو هئائين. يعني ڪيس ٽائليٽ خوب وڏو گهربل هو. جنهن ۾ سڀ سهوليتون ميسر ڪرايون هئائين. هال جي ڪنڊ ۾ ننڍي پينٽري جيترو حصو رڌڻ وغيره لاءِ ٺهرايو هئائين. هال جي ديوارن پر ضروري بلڪل نئين ڊزائين وارو فرنيچر فٽ ڪرايو هئائين. ديوار سان لڳل هڪ وڏو نرم بيڊ رکيل هوس جو بہ محض شاهي گلم تي وڇايل هوس. جنهنجو ٻاهريون حصو گول

هوءَ پاسن کان سندس چاهت ڦهليل هئي. هڪ ڪنڊ ۾ ننڍي ميز تي بلئڪ بيڪر جو ڪافي ميڪر ۽ انجي پاسن کان ڪافي ٺاهڻ جون سڀ چيزون شگر ڪيوبس، ڪافيءَ جا دٻا ۽ مِلڪ پائوڊر رکيو هو.

ڪيس ڊسٽ کان نفرت هئي. سردين جي ٿن مهنن کي ڇڏي سندس هال جو شاهي اي. سي. سدائين آن رهندو هو.

فليٽ جو در کولي هوءَ اندر گهڙي. بيڊ تي ليدر پرس، موبائيل فون رکي هال جي ٻاهرين ديوار طرف وڌي بند پردن کي هٽائي، شيشي جي ديوار جي هڪ دري کوليائين. بيچئن هوا اندر ڏوڪي آئي. ٻاهر نهاريائين. سندس ديوار جي شاهي ڪاچ کان سامهون سمنڊ مٿان ڦهليل اُڀ جي رنگ ۾ گهڻو فرق نہ هو. هن هميشه جيان اُڀ ۽ سمنڊ جي وچواري ليڪ کي ڳولهڻ چاهيو. سمنڊ ۽ آسمان جي ليڪ کي ممبئيءَ جي پوليوشن ڍڪي ڇڏيو هو. جنهن ڪري شفق جو نارنگي رنگ بہ جهڪو پئجي ويل هو.

هن ڪن جي حواس کي تيز ڪرڻ جو يتن ڪيو جو ساگر جي شور کي ٻڌڻ تي چاهيائين. اُن بجاءِ ڪيس هوا جي لهر جو سنگيت ٻڌڻ ۾ آيو. دريءَ پر رکيل هڪ ڪوچ تي ويهي رهي. اندر ايندڙ هوا سندس اکين ۾ پرجي لوندرين کان ٻاهر وهڻ لڳي. هن هڪ هٿ سان منهن کي اُگهيو. پر واري ميز تي رکيل ڪافي ميڪر طرف مڙي ويئي ۽ ڪافي ٺاهڻ لڳي. شگر ڪيوب محض اڌ وڌائين. پر ۾

هين ملڪن تائين پهچائي چڪي هئي. پر ان پنيان جيون جو هڪ پلارٽ پنهنجين اِلاهي پاسن ۽ ڪُنڊن سان هڪ آڪٽوپس جيان سرير جي هڪ حصي کان ٻئي حصي تائين سفرڪندي ڪيس بي آرام ڪندو رهندو هو. در اصل سندس پيءُ کي بزنيس ۾ ڪنهن وڏو دوکو ڏيئي سندس دهدبي ۽ شان جون ڌجيون اُڏائي ڪيس پنگلو ٻڻائي ڇڏيو هو. مهنن جا مهنا هو گهر اندر هو. ڏند ڪرٽي ۽ مُنيون پيڪوڙي هڪ ديوار کان ٻي ديوار تاءِ زندگي ڊوئي پنهنجي توازن جي تلاش پيو ڪندو هو. سندس ڌيءُ ايل. ايل. بي. پاس ڪري ورتي هئي. سندس فهم ۽ تيز نظرون پيءُ جي ڪيفيت کان غيرواقف نه هيون. انٽرنيٽ تي نوڪريءَ لاءِ اکيون اِسڪرين ۾ وجائيندي ڪيترين ئي سرڪاري ۽ خانگي ايجنسيون گهمي، شخصي طور وچي آزمودا حاصل ڪري چڪي هئي. آخر انٽرنيٽ تي ئي هڪ چائينز خانگي ايجنسي ڌانهن متوج ٿي. اُتي ڪيس سڏ ٿيو. جا سندس پهرين نوڪري هئي. ان کان پوءِ اٺن ڏهن هنڌ سال اڌ، ڏيڊ ٻن سالن تائين پنهنجا پنا گسائيندي هڪ پنهنجي (لَٻ يٻَ) ايجنسي کولي ڇڏيائين. سندس ڊيولپ ٿيل چاهت ۽ آزمودي ڪيس سمپورڻ ساٿ ڏنو. پنهنجي نجي جيون ۾ ڪڏهن جڏهن اڪيلائي پير پيري سندس هال ۾ پنهنجي وجودگيءَ جي احساس سان سندس انتهه ڪرڻ ۾ پرويش ڪندي هئي ته سندس پير ڪنڊ طرف ڪجي ويندا هئا ۽ هٿ ڪنڊ ۾ اُيي رکيل فرانسيسي گٽار کڻي ونندا هئا. کابي ٻانهن سان پڪڙي ڏُن مٿان رکي ساڄي هٿ جي آڱرين سان اُنجي تارن کي ڇيڙي جنبش ۾ آڻي هڪ آهڙي ڌن پيدا ڪري وٺندي هئي جنهن کي ٻڌڻ لاءِ سامهون جو عربي سمنڊ ڇوليون مارڻ بند ڪري شانت ٻڻجي ڪن ڪڙا ڪري ٻينو رهندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن سندس نظرون هال جي شيشي جي ديوار تي نرنتر ڦهلجي ويندڙيون هيون ان لاءِ ته ڪڏهن هيٺ ٽپو ڏيئي انت آڻڻ ۾ ڪارگر ٿي سگهي ٿو.

در تي ڪنهن آڱر سان ڪال بيل دٻايو. هال آوازسان پرجي ويو. هوءَ در طرف ڊوڙي. در نه کولي بلوري شيشي تي اک رکي معائنو ڪيائين. هٿ لئچ تي هوس، گهمائي در کوليائين. اندر سندس ساٿي مسٽر لي(Mr. Lee) طوفان جيان اندر گهڙي آيو. ڪيس پاڪر ۾ پري چميائين.

– هري اَپ. وُئي هئو ٽو ليو اٽنوَنس.

– ليٽ مي چينج - يو ٽيڪ ماءِ آل CD'S سي. ڊيز. اِريز پاسيبل اِنفرميشن اِن ڪامپيوٽر .....

جهٽ من هڪ جينس پائي ورتي. نائيٽي لاهي اُڇلايائين. هڪ شرٽ پائي ورتائين.

مسٽر لي (Mr. Lee) لانڊري پئڪيٽ مٿان استري ٿيل هڪ ڪوٽ ۽ سندس ليدر پرس کڻي ورتو.

ڌرام سان در بند ڪري لِفٽ جو در کولي، اندر ئي هيٺ لهي ويا. ڪلاڪن ۾ ڪنهن هنڌ انڊر گرائونڊ ٿي ويا. سڄ اجان باکون نه کڌيون هيون. ڪين موبائيل فون تي خبر ملي ته سندس فلئٽ تي سسندس دشمن پهچي ٽوڙ ڦوڙ ڪئي آهي.

A- 703 - Jupiter,
4th Lane , Lokhandwala,
Andheri (W), Mumbai - 400053

اڌ شفاف ڪاٽن جي شارٽ نائيٽي ڪڍي پاتائين. جيئن ته اِشنان ڪندي وار نه ڌوتا هئائين، انهن کي سائيڊ بورڊ تي رکيل برش ڪٽي لساري چڙهيائين. ڪيس بک جو احساس ٿيو. سائيڊ پينٽري طرف ويئي. رکيل بريڊ باڪس مان بريڊ سلائيس ڪڍي ٽوسٽر ۾ ٽوسٽ ڪيائين. ميونيز ساس ۽ چيز سلائيس وچهي وات سان ڪترڻ لڳي - کائڻ لڳي. ڪافي ٺهڻ لاءِ رکيائين. ڪافي تيار ڪري مگ ۾ اوتي آهستي آهستي سِپ ڪندي رهي. ان وچ ۾ ٻه ٽي فون به ڪري ورتائين.

ديوار پر هڪ ننڍو سهڻو ڪاري شيشي جو ڊسپلي رکيل هوس جنهن تي علحدن علحدن ملڪن مان آندل عمدا ڊيڪوريشن پيسس رکيل هئا. هيٺئين ٽاڪ تي لئپٽاپ کليو رکيو هو. آن هو. پر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. انٽرنيٽ تي ڪجهه E. mails فيڊ ڪيائين. هڪ هڪ ڪري چيڪ ڪندي رهي. آيل ڪجهه ليٽرس پڙهيائين. ڪيترن سان سمپرڪ به ڪيائين. ڪجهه اوور لوڪ به ڪيائين. هڪ اَڌ سان چئٽ ڪيائين. هڪ آيل انفرميشن پڙهي پريشان ٿي اُٿي. سندس نظرون اکر اکر ۾ کپي ويون. پنيان مڙي بيڊ تي رکيل ليدر پرس مان ڊائري ڪڍيائين. پنا اُٿلائي ڪجهه ريفر ڪيائين. ڪيس چين نه آيو. اُٿي هال ۾ چهل قدمي ڪيائين. واپس لئپٽاپ تي آئي. لِڳل فون جو استعمال ڪيائين. ٻئي پاسي کان ريسپانس نه هئڻ ڪري سندس هٿن جون آڱريون ڪي. بورڊ تي ائين پئي ڊوڙيون جيئن جنگ ۾ ٽاڪوڙ پوڻ تي سولجر ميدان ۾ ڊوڙندا آهن. جو چاهيائين پئي، ڪيس حاصل ٿي نه رهيو هو. اُٿي ڪڙي ٿي. ڪيس هب جو احساس ٿيو. سندس هٿ نائيٽي چڪي ڦاڙڻ جيان اُن ۾ اُلجهي ويا ۽ ٻي ڪن وري لئپٽاپ سان جڙي ويئي. رات جا ٢ ٿي رهيا هئا.

هوءِ ايم. ڪام ۽ ايل. ايل. بي. هئي. ڪنواري هئي. ٽئين ڏهاڪي ۾ هئي. اڊائي مهنا اميريڪا ۾ CIA ۾ خفيا وڀاڳ ۾ ڪم ڪيو هئائين. ڪيس استيفا ڏيڻي پيئي جو اڌڪارين جو مٽس وشواس نه رهيو. ان ڪان پوءِ هڪ خفيا ڪمپني، جا خانگي هئي، ان سان جڙي رهي. اُن ڏس ۾ ڪيس ڪيترن ديسن جو دؤرو ڪرڻو پيو هو. اسپين ۾ هڪ هوٽل ۾ ميٽنگ ڪان پوءِ ڪاني تي ٻن سنڌي واپارين سان ملاقات ٿيس. هڪ سنڌي واپاري پارٽ مان آيل هڪ سنڌي سانسڪرتڪ سنسٿا سان جڙيل هئڻ جي ڏس ۾ ڪجهه مدد لاءِ ڪين دريافت ڪئي هئي. هڪ وڏي رقم جي چيڪ حاصل ڪري بيحد خوش هو. ان پارٽي سنڌيءَ سان پاسيري ٿي هوءِ گڏي، هڪ چيڪ لکي ڏنائين. سنڌي ڪاريڪرتا سندس شڪرانا مڃيا. ڪارڊ گهريو. هن ڪنڌ سان ناڪاري ڪئي.

ويجهڙ ڪان ٽن مهنن ۾ ممبئيءَ دهليءَ ٿائين ڪيترائي پيرا شٽل ڪرڻو پيو هوس. RAW سان به سندس سمپرڪ هو. ڪيتري ئي سينسيٽو اِنفرميشن تحت ڪافي وڏي رقم به ڪمائيندي رهي هئي. القاعدا ۽ جوشيمحمد آتنڪواد گروهن جي پوري چرپر کان بخوبي واقف هئي. پاڻ جنهن خانگي خفيه گروپ سان جڙيل هئي - خوب پروسو هئڻ ڪري هوءِ بيخوف هئي. حالانڪ ٻئي دفعا مٿانئس قاتلانه حملا ٿي چڪا هئا. ويجهڙ ۾ پارٽ سرڪار کي وڏي آيل رقم جو وچور ڏنو. جا رقم القاعدا کي يو. ايس جي هڪ اسلامڪ گروهه مان حاصل ٿي رهي هئي. ان ڪان به خطرناڪ خفيه خبرون نيپال ۽

ڪوڙ آچي رهيا هئا. انهن گهوڙين جي هوڪن دڪ جي ڏارا به ٿي چالو ڪئي ۽ سک جي آشا به ٿي اُٿپن ڪئي. پنهنجي سنڌڙيءَ ۾ هوند اِن ٿهيءَ ۾ اِهي نينگر اسڪولن ۾ وديا پرائيندا هجن ها ۽ نينگ ٽپا ڏيئي جيوت سان هوند آنک مچولي مِنائين ها؛ پر هت ته ڪين صبح کان شام توٽي نڙي ڦاڙي هوڪا ڏيئي گهر جي خرچ پکي جو بندوبست ڪرڻو ٿي پيو! پر خوشي انهيءَ ڪري ٿي ٿيم ته هنن بيڪار ٿي ڪنهن اَڳيان مدد لاءِ هٿ ته ڪين ٿي ٽنگيو! جن پگهر جو پورهيو ڪري پيٽ پالنا ٿي ڪئي تن جو آئيندو لاشڪ روشن ٿيندو، ڇو ته هوُ پنهنجن پوين کي پورهئي جو قدر ڪرڻ سيکاريندا. جنهن قوم جو هڏ ڪم تي هريل هوندو سا ڪڏهن ڪين ڊهندي، آخر ڪنهن ڏينهن ضرور چڙهندي.

گاڏي به پنهنجي جولان ۾ سٽيندي هلي ۽ جهٽ ساعت ۾ اَچي ڪلياڻ سهڙيس. پوءِ ٿي لاريءَ جي سواري چالو. ڪلياڻ ڪئمپ ڏي رستا ٿورئي مرين ڊرائيو وارن رستن جهڙا آهن. ڪئمپ ۾ رهن ٿا شرنارٿي، مرين ڊرائيو تي رهن سرمائيدار. پِل اِهي شاهوڪار بندا موجون ماڻي وٺن، پر اسان کي ته لاچار پاسا سٽائي منزل تي پهچڻو ئي هو.

لاريءَ مان لهڻ بعد به چڱو مفاصلو هلڻو هو؛ سو هاٽي پيرين پنڌ مسافري چالو ٿي. خيرن سان اِها به طئه ڪري ساهري گهر ويجهو رسيس ته ٻارن پريان ئي سڃاتو ۽ وجي هڙ ٻلو مچايو، ’گوميءَ جو گهوٽ پيو اَچي!‘


پهچڻ سان خوش خيريافت ڪئيسين. سسٽم گد گد پيئي ٿئي. هيئن نياٽو اوچتو مانيءَ وقت آيو ڏسي هبڪي اَصل ڪين. ڏيءُ کي چيائين، ’گل، بيسڻ ٿاهي پڪوڙا تري وٺ.‘ منهنجي ساهري بلاڪ ۾ ڪل پنج گهر وينل آهن. مڙني کي اطلاع ملي ويو ته گوميءَ ماءُ جو نياٽو آيو آهي. ٿوري ئي وقت ۾ ماني پئجي آئي. مارا سڄي ميز تسرين سان ڀرجي ويئي!! سس کان پڇيم ته هيترا مال ڪٿان آيا. ورندي ڏنائين، توم ميٽيءَ ۾ مڇي ڪمار ماءُ جي، پلاءُ ۽ داڳ ۾ گوشت مرلي ماءُ جو، سيل ڀاڄي ۽ ساوا چانور نهچل ماءُ جا، بيهه پٽاٽا ۽ ڪٽاڻ دروءُ ماءُ جا، باقي پيندين پڪوڙا، مربو ۽ ڦلڪا آسانجا. پاڻ اَڳيان سٽيبون ست - رڇيون حاضر ڏسي دل ۾ چيم ته حق تي ٿا بمبئيءَ وارا جڪ مارين ته هيءُ شرنارٿي شاهوڪار آهن، هنن کي سهايتا جي ڪهڙي گهرج آهي!!

ماني ڊؤ تي ڪاڏم - چرچي گهبي ۾ ڏينهن واهه جو گذريو. سڄ اولهه ڏي لڙڻ شروع ڪيو ته مون به موٽڻ لاءِ ڪر موڙيا. واپس ايندي من تي اهو خيال هر هر پئي آيم ته جنهن ريت ساهري گهر واري بلاڪ جي ڪٽنبن پاڻ ۾ سهڪار سان مون لاءِ سترڇيا طعام آڻي حاضر ڪيا، تهڙي ريت اَسين سنڌي هڪ ٻئي جي هر حال ۾ سهڪار ڪريون ته هوند سونا ٿي پئون.

(فبروري - ١٩٥٣)

ڪهاڻي / چيتن ماڙيوالا

ساهري گهر ماني



چڻ ڇماهيءَ ڪلياڻ ڪئمپ وڃڻو ضرور پوي. ٻين مٽن مائٽن کان سواءِ ساهرو گهر بہ اُتم اُتي، پوءِ ڪلياڻ کان ڪيئن ٿو منهن موڙي سگهجي! تہ بہ سس ٻائي ڪٿي ٿي راضي ٿئي!! ڇي اِنهن ٻن ڪلاڪن اَچڻ مان کهڙو سود؟ هڪڙو تہ ڏٽن جي ماني بہ ڪين ٻاسيو، وري جي ڪٽي اَچو تہ ڪلاڪ فقط بہ، اِنهن ۾ ڳالهائبو بہ، کائبو بہ، دل ڪيئن ڍاپندي؟ مان ڪيترو بہ اُن جو اُتر ڏيان، پر ڪيس اُهو آئڙي ڇو ٿوا سسون جيسين نياڻن سان دل گهريا سهج نہ ڪنِ، تيستوڻي ڪين قرار اَچي ڪٿان! روز روز ڪنهن کي رنج ڪرڻ نيڪ ناهي، اَهڙو خيال هڪڙي ڏينهن آيم؛ تنهن ڪري هيل ٻن ڪلاڪن بدران ٻہ پهر ڪلياڻ ڪاٽڻ جو پهہ ڪيم.

پر ڏينهڪ رهڻ جو فيصلو سليم ڪنهن سان ڪين. ڇو تہ خيال ڪيم تہ جي سسٽم کي انهيءَ جي سڌڪ پئجي ويئي تہ وڏي جاکوڙ ۾ پئجي ويندي. آسر کان ڳهڻ شروع ڪندي، تانجو منهنجي مونڻ توڻي فرصت ڪين ملنديس جو ڪٽي مونسان بہ اَکر ڳالهائي! تنهن کان سواءِ وڏي مصيبت اِها تہ اُهي طعام ڪٽي تيار ڪندي جي لذيذائيءَ ڪري کائي تہ خوشيءَ سان وڃبا، پر پوءِ جيڪي لوڙڻو پوندو، تنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ آءٌ تيار نہ هوس. پنهنجي جسي کي بہ جار رسايان ءُ قربائتي سس کي بہ هن وهيءَ ۾ ڪشالو ڪڍايان، اِهو مون کان سنو نٿي ٿيو. تنهن ڪري بنا اِطلاع وٽس وڃڻ وڏيڪ واجب سمجهيم.

نيرڻ ڪري ٽپاليءَ توڻي ترسي، نڪتس ڪلياڻ جي ياترا تي. نصيبن سان گاڏيَ بہ سڌي ڪلياڻ جي ملي ويئي. رستي ۾ گهورڙين ءُ فقيرن جا گلر پئي لٿا ءُ چڙهيا. فقيرن پنهنجا سر پئي آلاپيا ءُ نالي الک جي خيرات ٿي مڱي، تہ گهورڙين پنهنجا هوڪا پئي ڏنا ءُ رستي جو مال سستو ڪري پئي نيڪال ڪيو. هوڪي وارن ۾ ڳچ انداز پرشارٿين جو هو. اسڪولي عمر جا اَبهم پنهنجا رپئي جيڏا ڪنمنڙا آني ۾ چار ءُ دال سڱر وڪٽي رهيا هئا، تہ وڏڙا وري ڪيلا ءُ چڪوُ، ڪنگا ءُ پاس

ماءُ جي روپ ۾ قبول نہ ٿي ڪندو ۽ اسان جي نئين زندگيءَ ۾ رخنو ٿي پوندو، اِن ڪري مون هن کي هر طرح خوش رکڻ جائز سمجهيو. ڪيس هڪ الڳ ڪمرو؛ هڪ ڪلر ٽي. وي؛ ڪامپيوٽر؛ اِنٽرنيٽ توڙي راندين جو سامان ميسر ڪري ڏنم ۽ مڌو ...' زال جي اکين ۾ سنيه ڀري نظر جو ليئو پائيندي موهنلعل پنهنجا لفظ پورا ڪندي چيو، 'تو بہ تہ هن کي گهٽ ڪو نہ گهريو آهي! ۽ اَڄ هو بي حد بي حد خوش آهي ....'

شام جي وقت بريڊ جو سلائيس سيڪيندي مڌوءَ کي تکو تَئُہ اَچي ويو ۽ سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. پر وري هڪدم اوچتو سندس ذهن ۾ ڪي ويچار اُڀري آيا ۽ هوءَ سوچ جي درياهہ ۾ غرق ٿي وئي : 'هيءُ جڏهن هتان کان ۵۰۰ ڪلوميٽر دوُر ٻاهر ويا آهن تہ رات جو منهنجي بيڊروم ۾ ڪٿان آيا هوندا. ضرور مون سپنو ڏٺو آهي. سپنن جي دنيا بہ عجيب آهي! پر ڪمال آهي .... ڪجهہ بہ هجي. مونکي رات جو مونسان گڏ ڪنهن جي هجڻ جو احساس ٿيو ٿي رهيو آهي!!!'

رات جو دير سان مڌو پنهنجي بيڊ روم ۾ وڃي سمهي. ان وقت ٽوني پنهنجي روم ۾ ٽي. وي پروگرام ڏسڻ ۾ مصروف هو. مڌوءَ کي ڪنهن مهل ننڊ اَچي وئي، سا ڪيس خبر ئي نہ رهي، پر جئن ئي صبوح جو سندس اک کلي، تئن ئي هن پنهنجو مٿو ڀاري محسوس ڪيو، سندس اکين اڳيان ڪو ڏنڌلو ڏنڌلو عڪس اُڀرڻ لڳو ۽ وري ڪالهہ وارن ساڳين ويچارن جو سلسلو شروع ٿي ويو : 'هي تہ هفتي کان ٻاهر ويل آهن، پوءِ وري بہ رات جو ساڳيءَ ريت منهنجي بيڊ روم ۾ منهنجي پلنگ تي ڪير اَچي سمهي سگهي ٿو!!! لڳي ٿو وري ساڳيو ئي سپنو ڏٺو اَٿم؟؟ .... نہ نہ! سپنو ڪو نہ ڏٺو اَٿم. مونکي محسوس ٿئي ٿو تہ رات منهنجي بيڊ - روم ۾ ضرور ڪوئي آيو آهي، جنهن مونسان گڏ سمهي منهنجي پتيءَ جي حقن جي حدن ۾ وڃڻ جي غليظ ڪوشش ڪئي آهي. نہ نہ منهنجي بيڊ - روم ۾ ڪير نہ ٿو اَچي سگهي .... وري سپنو ڏٺو اَٿم'

'مڌو موم ..... موم .....' ٽونيءَ جي آواز مڌوءَ جي خيالن جي سلسلي کي هڪدم ٽوڙي ڇڏيو. مشڪندڙ چهري سان هٿن ۾ گلن جو وڏو غنچو جهلي ٽوني در تي بيٺو هو.


'ممي، هي وٺو ......'چوندي ٽونيءَ مڌوءَ کي گُل ڏنا ۽ معصوم مسڪراهٽ سان پنهنجو ڳالهائڻ جاري رکندي سمجهائيندي چيو، 'موم، اسان جي گهر ۾ آئي اَڄ توهان کي برابر ۱۰۰ ڏينهن پورا ٿيا، ان خوشيءَ ۾ مان توهان جي لاءِ پورا ۱۰۰ گلاب جا گل وٺي آيو آهيان ...... ممي، ڪانگريچيوليسنس!!! هنڊريڊ ....' ۽ مڌوءَ سان هٿ مِلائيندي کلندي وري چوڻ لڳو، هنڊريڊ ڪانگريچيوليشنس ....'

۽ هٿ ملائڻ وقت ٽونيءَ پنهنجي هٿ ۾ ٿڌاڻ محسوس ڪئي، تڏهن سندس وات ۾ اَز خود لفظ نڪتا، 'اڙي! هي ڇا! توهان جو هٿ تہ ٿڌو آهي، رات جو توهان جا لِڱ تہ گرم هئا!'

B-97, Kubernagar,
Ahmedabad - 382340

مني ڪهاڻي / گهنشيام ساگر

بيڊ روم



’مڏو، هڪ وڏو سوال پڇانءِ؟‘

’وڏو! پڇو.‘

’تون مونسان شادي ڪري خوش تہ آهين نہ؟‘

’اوهو!! جنهن سوال جو جواب صرف ها يا نہ ۾ ڏيئي سگهجي، اهو سوال ننڍو ٿيندو آهي، شارٽ - ڪئسچن ماءِ ڊيئر. بهرحال عمر ۾ توهان مونکان ڪافي وڏا ضرور آهيو، پر مان خوش بي حد آهيان. سياوَ جي سرلتا ۽ جيئڻ جو انداز تہ ڪوئي توهان کان سِکي، ۽ مان بہ لڳ ڀڳ ٽن مهنن ۾ ڪافي ڪجهہ سکي ويئي آهيان.‘

’بس بس ...‘ ڪار ڊرائيو ڪندي، موهنلعل پنهنجو هٿ پنهنجي نوجوان بين زال مڏوءَ جي وات تي رکي ڇيو ۽ بي خياليءَ کان سندس بريڪ وارو پير بريڪ تي دٻجي ويو، جنهن ڪري ڪار جهٽڪي سان بيهجي ويئي.

’اوه!! بلڪل صحيح جاءِ تي بريڪ لڳي آهي .... ڊيئر، مونکي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي. هو ڏسو سامهون ڪولڊ - ڊرنڪس جو دڪان!‘

موهنلعل مسڪرائيندي ڪار جو دروازو کولي ٻاهر نڪتو ۽ ڪجهہ لمحن بعد ئي مڏوءَ جي موبائيل پنهنجو مڌر تال شروع ڪري ڇڏيو.

’هيلو ..... هيلو .... ڪير؟‘

’مان ٽوني آهيان ...... ڪيئن آهيو مڏوُ موم‘

’فائين فائين. تون ڇا پيو ڪرين! ميوزڪ جا آواز تہ پڌائين ٿا تہ گهر ۾ ڊانس ڪرڻ ۾ بزي آهين ..... ها ها .... اسين بہ گهمڻ ۾ بزي آهيون. ها ها جلد موٽنداسين. ٽوني يو آر اَ گُڊ بواءِ.‘

’ممي يو آر آلسو سو سويٽ. آءِ مِس يو ..... اوڪي .... اوڪي. باءِ‘ ۽ موبائيل جو سئچ آف ڪندي مڏوءَ جي نظر پاسي ۾ هٽ ۾ ڪولڊ ڊرنڪ جهلي بيٺل پتيءَ تي پئي. ڪولڊ وٺندي مڏوءَ چيو، ’اَسانجو لاڏلو پيارو ٽوني هو. ڪيترو نہ عقلمند ۽ تيز فهم آهي. شاديءَ کان اڳ ۾ ......‘ ڪولڊ ڊرنڪس جي بوتل وات تي رکي ڍُڪ ڀريندي مڏو پنهنجو ڳالهائڻ جاري رکندي چيو، ’مون سوچيو هو تہ سورهن سالن جو توهان جو هيءُ پٽ اَسان جي شاديءَ ۾ ضرور پرابلم ثابت ٿيندو، پر نہ. منهنجو اِهو محض ڀرم هو.‘

’خبر اَٿيئي مڏو!‘ موهنلعل بہ ڪولڊ جو ڍُڪ ڀري ڳيٽ ڏيندي اڳتي چيو، مونکي بہ ساڳيو ئي ڊپ هو تہ ٽوني ننڍڙو ٻار نہ آهي. شايد هو توکي

جو هڪ ڀاڱ آهي. مون ٿبيٽين جا بنارس ۽ ڌرمشالا ۾ ڌرمي ۽ سيٽنڪ مرڪز به ڏٺا آهن. انهن مرڪزن ۾ ايترو تهذيبي خزانو موجود آهي، جو ٿبيٽ ۾ ڪجهہ ٿي بہ پوي، دنيا لاءِ هن شاهوڪار ڪلچر جا خزانا موجود هوندا. ٻنهي هنڌ ڪيترن ملڪن جا سڪالرس ڪم ۾ مشغول هوندا آهن. هر سال ڪئين ڪتاب ڇپجن ٿا.

اسان سنڌين لاءِ بہ اهو ضروري آهي تہ هيءَ هڪ سنسٿا نہ، هڪ ننڍو تهذيبي شهر هجي، جتي سنڌي تهذيب سان واسطو رکندڙ شيون هجن. جهوليلال جو سهڻو مندر هجي، موهن جي دڙي جو پورو احوال هجي، جتي سنڌي هندن جي پوري تواريخ هجي. سنڌي يونيورسٽي ۽ سنڌو ميوزم هجي. سنڌي لئبرري هجي.

مٿاڇري نگاهہ سان ڪم وڏو ۽ ڏکيو لڳي ٿو. پر جي ارادو پڪو آهي تہ سنڌين جهڙي محنتي جاتيءَ لاءِ ايترو ڏکيو نہ آهي. هڪ وڏو فائدو اِهو ٿيندو جو سنڌين مٿان واپاري ذهنيت رکڻ واري جاتي نانءُ پئجي ويو آهي، اهو بدلبو.

اڄ هندستان ۾ وڏن شهرن Metroes کي ڇڏي، ننڍن شهرن ۾ جتي جتي سنڌي رهن ٿا، ان پرديش جي ڀاشا ۽ تهذيبن جا اَثر نمايان آهن. بنا سندن ڄاڻ جي اتي جو ڪلچر سندن زندگيءَ ۾ پرويش ڪندو ٿو وڃي. جي اها حالت جاري رهي تہ سنڌي جاتي ڪيترن حصن ۾ ورهائجي ٽڪر ٽڪر ٿي ويندي. ان جي ابتڙ سنڌي جي ٻين ملڪن ۾ رهن ٿا، انهن جو ٻاڻ ۾ ميل جهول وڌيڪ آهي. هو گهرن ۾ پنهنجن ميڙن مجلسن ۾ سنڌي ڳالهائن ٿا؛ اهو سڀاوڪ آهي. اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، جيئڻ جي فيلسوفي الڳ آهي جا سنڌي اپنائي نہ ٿا سگهن. پنهنجيءَ جاتيءَ سان گڏ رهڻ ۾ سرڪشا آهي، پنهنجيءَ تهذيب ۾ رهڻ سان اندر کي ڪا ترپتي ملي ٿي.

پنهنجيءَ زمين کان جدا ٿيڻ بعد اسان هڪ نئون لفظ جوڙيو . منهنجيءَ ڄاڻ موجب اهو لفظ اڳ سنڌ ۾ نہ هو. اها سوالئي هئي. هڪ ئي لفظ ۾ پنهنجي تهذيب کي سچاڻڻ. هن لفظ جي چوگرد هندستان ۾ ڪئين هلچلون هليون. مان سمجهان ٿو اهي سڀ هلچلون جذبات جي سطح تي هيون. خود هلچل ۾ شامل سنڌين کي هن لفظ جي پوري معنيٰ جي خبر نہ هئي.

آمريڪا ۾ ٿيل وشوَ سنڌي سميلن پيري مان لاس اينجلس ۾ هوس ۽ سميلن ۾ ڀاڱ ورتو هوم. ڪئين سنڌي نوجوان، ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا منهنجي پٽ جي گهر مونسان ملڻ ايندا هئا. سندن ڪيترا سوال اهڙا پيچيدا ۽ ڏکيا هوندا هئا جو جواب ڏيڻ سولو نہ هوندو هو. هندستان ۾ اسين سنڌيت کي جذبات جي نگاهہ سان ڏسون ٿا، اڄ جا جوان سوچ جي ڌراتل تي فيصلا ڪرڻ چاهين ٿا.

هن هڪ لفظ سنڌيت کي وٺي پنهنجي مليل ورثي کي سمجهائڻ لاءِ اسانکي پنهنجي تهذيبي اتهاس ۾ اونهو وڃڻو پوندو. Critical اک سان حقيقي ۽ مجيل ڌارڻائن کي ڌار ڪرڻو پوندو ۽ اهي ڳالهيون ڳولهڻيون پونديون جي اسانجي اڄ جي زندگيءَ ۾ ڪارگر بڻجي اسانکي سنڌيت سالم رکڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون. مثال طور اسانجي ايترو جلد وري اُسرڻ پنپڻ بہ اسانجي تهذيب جو اثر ٿي سگهي ٿو.


اهو تمام ضروري آهي تہ ڪي اهڙا ڪتاب لکجن/ڇپائجن جي اسانکي جاتيءَ طور سمجهڻ ۾ مدد ڪن، اسانجي اندر ۾ اتساهہ ۽ فخر پئدا ڪن.

هتي هڪ ڳالهہ ٻڌيندس. سڄيءَ دنيا جي سنڌين جو تهذيبي مسئلو ساڳيو آهي، هڪ ئي آهي ۽ اسانکي يڪمشت ٿي ان کي سلجهائڻو آهي.

5/3, New Palasia
Indore - 452001

ليک/ڪرشن کٽواڻي

سنڌ جو سيپيٽڪ آئينده



اَڌ صدي اَڳ اسين اها زمين، جتي هزارين سالن کان آسانجا وڏا رهيا هئا، ڇڏي نوان گهر ڳولهڻ نڪتاسين. اهو اسانجو نرڻيہ نہ هو. آسان مٿان مڙهيو ويو. نہ صرف آرٿڪ طرح، سيپيٽڪ ڪيتر ۾ بہ سنڌ کي اڏڻ ۾ سنڌي هندن جو وڏو ڀاڳ رهيو، جن جي هن يوگدان ۾ مسلمانن کان بہ وڌيڪ دين هئي ۽ ان ڌرتيءَ کي پنهنجي ساه کان وڌ پيائيندا هئا ۽ انهن اها ڌرتي ڇڏڻ نہ ٿي چاهي، تن کي بہ لاچار لڏڻو پيو. هو ان وڇوڙي جي غم ۾ ستت سدا لاءِ هليا ويا.

اهي جي سنڌ ۾ ڄاوا هئا ۽ پنهنجي جيون جا ڀريان سال سنڌ ۾ گهاريا هئائون، جن جو سنڌ سان جذباتي ۽ آتمڪ لڳاءُ هو، اهي بہ هاڻ ضعيف ۽ برڌ ٿي چڪا آهن ۽ هڪ هڪ ٿي وڃي رهيا آهن.

اڄ جي نئين ۽ تيز بدلجندڙ دنيا ۾ سنڌي نہ صرف هند ۾ پر انيڪ ديسن ۾ وسيل آهن. آرٿڪ ترقيءَ کي ڏسي ٻيا ماڻهو ۽ ڪيترا سنڌي بہ وسهڻ لڳا آهن تہ سنڌي وسِي ويا آهن. پر اڄ بہ اسانجي اندر ۾ پتڪاءُ آهي، ڳولها آهي. ورهاڱي بعد ڄاول سنڌين کي خبر آهي تہ هو سنڌي آهن، پر پنهنجي ماضيءَ کان غير واقف آهن. هنن کي اها بہ ڄاڻ نہ آهي تہ سنڌن وڏا ورثي ۾ هنن کي ڇا ڏيئي ويا آهن. هو جذباتي سطح تي نہ، حقيقتن ۽ سوچ جي سطح تي پاڻ کي پائڻ ٿا چاهن.

اَڄ سائنسدان ان ڳالهہ کي وڏي اهميت ڏيئي رهيا آهن تہ ٻار پنهنجي وڏن جون خوبيون ۽ خاميون پاڻ ۾ کڻي جمي ٿو. انڪري پنهنجي جسماني ۽ آتمڪ وڪاس لاءِ پنهنجي ورثي کي ڄاڻڻ ضروري آهي. اسين اڃان اِها ڄڃهہ بہ پائي نہ سگهيا آهيون جتي پنهنجو ورثو سالم ۽ سرڪشت رکي سگهون. اڄ جي يڳ ۾ مفاصلي کي ڪا معني نہ رهي آهي، تہ ڪنهن هڪ هنڌ سيپيٽڪ مرڪز ٺاهي، ورثي کي اتي سنڀاليندي، سڄي دنيا جي سنڌين کي هڪ سُوتر ۾ پوئي سگهون ٿا.

ظاهر آهي ان مرڪز لاءِ آديپور، گانڌيڌام ئي موزون جڳهہ آهن. هونءَ بہ اڄ اهو سهوليت پريو آهي تہ راجنيتي مرڪز، واپاري مرڪز ۽ سيپيٽڪ مرڪز الڳ الڳ هجن.

اڄ جي سنڌين جي استتي ڏسي هيءُ ڪاريہ اهڙو اوکو نہ آهي. پڪي ارادي ۽ Vision جي ضرورت آهي. هن مرڪز جي روپ ريکا ڊاڪٽر سيدرا آنند جي دماغ ۾ آهي ۽ هوءَ توهان اڳيان پيش ڪندي.

مون سنڌ ۾ ڄام شورو ۾ نهيل سنڌالاجي ڏٺي آهي. هڪ سرڪاري اداري جي حيثيت ۾ ان جي ڪم جو دائرو ڪافي محدود آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ

جو سماچار آهي. اهو اَثر لنبو رهي سگهي ٿو - پر پڪ نہ ٿي رهي. اهو هميشہ لاءِ رهڻ جي گنجائش نہ آهي.

اَڪثر اِنسان حالتن جو پابند آهي. اسان جي دل توڙي دماغ جي حالت بہ اسان جا اَثر مُتاثر ڪري ٿي. وري بہ ائين لڳندو تہ آبجيڪٽ هت گهٽي اَهميت نہ ٿو رکي ۽ شايد ڪن حالتن ۾ تہ اهو نمت ٿو رهجي وڃي. اسان جو رايو ضرورت کان وڌيڪ 'اُنهن ڪٽن' جو محتاج هوندو آهي، جي اسان جي رايي ٺاهڻ ۾ آبجيڪٽ ۾ پنهنجو سمورو اَثر اِمپوز ڪندا آهن - جي ايتري وڌيڪ پنهنجائي اَسان پنهنجي بي - صبر سمجھہ سان رکي سگهون تہ اسان کي اهو مڃڻ ۾ چڱي سهوليت ٿيندي تہ ڪو بہ يا ڪجھہ بہ، سٺو يا خراب نہ (هوندو) آهي. خاص ڪري، انسان جي حالت ۾. جو تہ، وستوءَ طرف اسان جو هڪ طرفو رَوَيو وڌيڪ ڪارگر آهي، پر انسان تہ بلڪل ٿي غير - جٽادار رهڻ لاءِ مجبور آهي. ان جو وڌيڪ وقت لاءِ سٺو يا خراب قائم رهڻ، ڪافي ڏکيو آهي. صرف ٿورو وڌيڪ ويجهو اَچڻ سان ئي، 'اَثرُ' متاثر ٿيڻ لڳي ٿو.

۽ پوءِ جڏهن، ڪو بہ - نہ سٺو آهي ۽ نہ خراب، تہ پوءِ ها - تہ پوءِ اسان ڪنهن سان بہ نفرت ڪئن ٿا ڪري سگهون. ڇا اهو هن سان انياءُ نہ ٿيندو؟ پڪ ٿيندو.

1998, Sindhunagar,
Bhavnagar - 364002


ردعمل/اَرجن حاسد

خوش آمديد

رچنا - ٩٧ ۾، دلگير صاحب جو ليک 'سگهڻ آهوجا - شخص ۽ شاعر' پڙهي، مان بہ ڪٿي گم ٿي ويو هوس. مان سگهڻ آهوجا جو همعصر تہ ڪو نہ آهيان پر هن صاحب سان ويجهائپ جو فيض بہ چاردفعا مون بہ حاصل ڪيو آهي. هڪ نهايت ئي شاندار شخص ۽ اعليٰ اديب. دلگير صاحب لکيو آهي تہ سگهڻ روز ڇھہ اَٺ پيالين چانهہ جون ۽ خوب سگريٽون پيئندو هئو. اهو صحيح هوندو، پر سگهڻ کي پن جي بيڙي پيئندي بہ مون ڏٺو آهي. منهنجي اکين اڳيان اهو منظر بہ تري ايندو آهي جڏهن هڪ دفعو مون پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ضيا صاحب ۽ سگهڻ آهوجا کي هڪ هنڌ گڏ پن جون بيڙيون پيئندو ڏٺو هئو. خوب هلڪيءَ موڊ ۾، چرچا گهبا پئي ڪيائون ۽ بيڙي پئي ڇڪيائون. سنڌيءَ جا اُهي اديب، جن ادب کي بوليءَ کي پاليو نپايو، ڪيترا نہ سادا سباجها ۽ خوددار انسان هئا. سنڌي ساهتيہ کي اَهڙن بي غرض عالمن هڪ معيار ڏنو آهي، تڏهن تہ اڄ بہ اسانجو ساهتيہ پنهنجيون پاڙون پختيون جهليو بيٺو آهي. نہ تہ اڄ جو سوارٿن سان وڪوڙيل شخص، ۽ ساهتيہ! ساهتيہ ڪيترا سروپ بدليا آهن، هنن ٿورن سالن ۾.

سگهڻ جي مرڪ کي رواني ڦهلاءُ ۽ اُڏام هئي، نارايڻ شيام جو چهرو هڪ اُداس سانت مرڪ سان ٻهڪندو رهندو هئو. اُتم جي چئن سٽن سان، دلگير صاحب ليک جي شروعات ڪئي آهي، لکي ٿو،'جن سنڌي ساهت کي هڪ نئون موڙ ڏيئي اوڄ ڏني.' اُتم صاحب اوڄ ڏني ڪيئن لکيو هوندو، هن ضرور اوڄ ڏنو لکيو هوندو. دلگير صاحب هڪ مزيدار ڳالهہ موهن ڪلپنا جي ڪتاب 'فنڪار ۽ فيلسوف' مان بہ ڏني آهي. موهن پنهنجي سچي زندگيءَ ۾ اَهڙن واقعن کي ڇٽو وڏاءُ ڏيندو پئي

نو بڌي اِز گُڊ-
نو بڌي اِز بيَڊ!



اُهو ته هرڪو مڃڻ لڳو آهي ته ’سنو‘ ۽ ’خراب‘ تسليم ڪرڻ ڪو سيني لاءِ ساڳيو فيصلو نه هوندو آهي. جيڪو مون کي سنو لڳي ٿو، اهو توهان کي نه به لڳي. اڳتي هلي اُهو اُلٽو به ٿي سگهي ٿو. ان جو مطلب ته اسان جو اهڙو فيصلو ئي خود ۾ ’ڪن اَٿرن‘ جو جوڙ هوندو آهي. جئن سواد ڪنهن شيءِ ۾ نه، زبان ۾ به نه، ٻُڪ ۾ هوندو آهي يا جئن سندرتا ڏسڻ واري جي نظر ۾ به نه، نظريي ۾ هوندي آهي. تئن ڪنهن کي اسين جي سنو يا خراب چئون ٿا، ته اهو هڪ قسم جو - اُن وقت ۽ حالتن جو اَثرُ ماتر آهي - ان ۾ اسان جي سمجهه شڪتي، مانسڪ حالت ۽ نظريي - درشتي ڪوڻ جو به اَثرُ شامل آهي. ٻين لفظن ۾ اُهو آبجيڪٽ گهٽ، ٻيا اَثر ئي وڌيڪ جوابدار آهن - جن کي جيڪر سهوليت لاءِ هڪ ’لاجڪ‘ لفظ سان سڃاڻڻ ٺيڪ ٿيندو. جي ايتري ڳالهه مڃڻ ۾ گهٽي ڏکيائي نه ٿئي ته پوءِ ’سنو ۽ خراب‘ لفظن کي رليٽو - ٽرمس مڃڻ به ڪافي سوَلو ٿي سگهي ٿو.

ايتري حجت جڏهن سني ۽ خراب لفظن لاءِ قائم ڪري سگهجي ته پوءِ ٿوري وڌيڪ اُدارتا جي ضرورت رهندي. هنن ٻن لفظن ۾ ظاهري ڏسجندڙ تضاد گهٽجڻ لڳندو. ٻئي لفظ پنهنجي - پنهنجي معنيٰ جو زور گهٽائڻ لڳندا ۽ هڪ - ٻئي جي وڌيڪ ويجهو ايندا - ويندا - ۽ توهان کي جي ڪلپنا ڪرڻ جو ٿورو شوق ۽ ڏانوُ آهي ته پوءِ ٻنهي لفظن کي بلڪل قريب - اجان به اڳتي هڪ - ٻئي جي جڳهه بدلائيندڙ حد تائين قريب محسوس ڪري سگهندا.

نه مثال ۽ نه اَپواد. هيءَ ماجرا اُنهن ٻنهي ماجرائن ۾ ڦاسي ويندي ته پوءِ چُنائڻ مشڪل ٿيندو. پر ايترو ته چئو آهي ته سنو ۽ خراب، اهي نتيجا نه، اَثر آهن ۽ بلڪل ڪمزور ۽ ڪنهن حد تائين غير - زميدارانه به. ڪو شخص، چيز يا ڪا به بابت - سني يا خراب هئڻ جي راءِ جڻ موسم

ڏاها هن ڏيهہ جا (ڊ. سائيز - ۲۰۰۲)
(تواريخي شخصيتون)
اعجاز قريشي
ڇپائيندڙ : ڪونج پبليڪيشن
4، گريٽ ويسٽرن بلڊنگ،
ايس. بي. ايس . روڊ،
ممبئي - 400 023
صفحا : 160 قيمت : 100 رپيا

يادگيريون (ڊ. سائيز - ۲۰۰۳)
(يڳونتي ناواڻيءَ جا ڪرشن کٽواڻيءَ ڏانهن خط)
يڳونتي ناواڻي
ڇپائيندڙ : شوڀا ڊي. چندناڻي
A-101، راج ڪرن،
ايم. جي. روڊ، ڪانديولي، (W)
ممبئي - 400 067
صفحا : 114 قيمت : 60 رپيا

لنوَ سنڌيوڻ راتيون (ڊ. سائيز ۲۰۰۳)
ڪيمن يو. مولاڻيءَ جي ڪوتائن جو مجموعو
ڇپائيندڙ : لڪشمي پبليڪيشن
نيو. اي - 14/134
بئراڳڙه ، ڀوپال - 462 030
صفحا : 64 قيمت : 60 رپيا

Promoters & preservers
of Sindhyat (D. Size - 2003)
Editor : Bhagwan Bhagchandani
Sponsored by : Sheila Gopal Foundation
Unique Center
15, Waterfield Road,
Bandra (West)
Mumbai - 400 050.
Pages : 284 - Price :

گول مٽول (ڊ. سائيز - ۲۰۰۳)
هوندراج بلواڻيءَ جي ٻال ڪوتائن جو مجموعو
ڇپائيندڙ : ساهتيہ سهڪار
172، مهارتي سوسائٽي، سردارنگر
اَحمدآباد - 382475
صفحا : 48 قيمت : 30 رپيا

رچنا ياترا - ۳ (ڊ. سائيز - ۲۰۰۳)
(زندگيءَ جا ملهہ)
لکمي کلاڻيءَ جا ۲۵ مضمون
ڇپائيندڙ : آسانجو اَدب،
6 ، ملير،
آديپور (ڪڇ) - 370205
صفحا : 239 قيمت : 60 رپيا

ڪڇ ۽ سنڌ جا قديمي ناتا
(ڊ. سائيز ۲۰۰۳)
(جينت ريلواڻيءَ جا ۱۷ اِتهاسڪ ليک)
ڇپائيندڙ : سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
90، لڪشمي مارڪيٽ
اُلهاسنگر - 421003
صفحا : 108 قيمت : 60 رپيا

سنڌي لپي پستڪ
(ڊبل ڊ. سائيز - ۲۰۰۳)
(ٽپال رستي سنڌي سکڻ جو ڪتاب)
پريتم ورياڻي، پيتامبر ٽاڪواڻي
ڇپائيندڙ : سينٽرل اِنسٽيٽيوٽ آف
اِنڊين لينگويجس، مئسور (ڀارت) ۽
اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
پوسٽ باڪس، نمبر - ۱۰،
آديپور (ڪڇ) - 370205
صفحا : 146 قيمت : 100 رپيا

رهيو هئو. شيخ اياز پڻ آهڙي ساڳي بيماريءَ جو مريض هئو، تڏهن ته اهي ٻئي عالم سنڌي ساهتيه ۾ بيحد ئي مشهور ۽ اعليٰ اديب ڳڻيا ٿا وڃن. سندن اهڙين لکڻين کي ڪڏهن به Authentic نه سمجهڻ گهرجي. ۽ جن اديبن کي پنهنجي قلم کي وڌاءُ ڏيڻ نه آيو، تن کي ته ڪير سڃاڻي به ڪو نه ٿو. خود سڳن آهوجا کي به اهڙو ڪرتب ڏيکارڻ نه آيو، هو صاحب نهايت ئي ديرينو مفڪر هئو، ڪٿي به اجائي سڃائي دخلگيري نه. تڏهن ته اڄ سڃاتو به نٿو وڃي. دلگير صاحب سڳن جو هڪ شعر ڏنو آهي.

'ڪنهنجي جوان ارادن هي راز فاش ڪيو آ
هڪڙي حسين عورت ٻيءَ جو ٻچاءُ آهي.'

۽ اُن شعر جي هڪ عجيب سمجهاڻي به ويهي ڏني آهي. دلگير صاحب ئي جڏهن شعر نه سمجهيو آهي ته ٻين پاڻکن تي کهڙي ميار. ان شعر کي باريڪيءَ سان سمجهڻو آهي ۽ معنائون جيتريون ۽ جيئن به چاهيو. توهانجي احساس جي گهراين تائين شعر پهچي ٿو، شعر جي صحيح سڃاڻپ اها آهي. دلگير صاحب پاڻ پنهنجو سچو شعر صاف سهڻي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي. اهو به شڪر آهي ته سڳن آهوجا جون چار سٽون کين پسند آهن جيڪي هن صاحب ڏنيون آهن، ساراهيون آهن. سڳن جا ٻيا به ڪي سهڻا شعر ۽ قطع به دلگير صاحب ڏنا آهن، گهڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، اسان سيني کي هن محبوب شاعر جي ويجهو وٺي هليو آهي، وري ڪيترين پراڻين ڳالهيون ياد ڏياريون آهن، دلگير صاحب جا احسان آهن، ته به شعر کي سمجهائڻ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ، ذائقو خراب ڪرڻ برابر آهي.

اها ڳالهه صحيح آهي ته سڳن آهوجا جي مفڪر، نارايڻ شيام جي مجموعي 'روشن ڇانورو' جي مهاڳ لکڻ سان، سڃاڻپ حاصل ڪئي. مون به ان مهاڳ مان گهڻو پرايو آهي. خاص ڪري هنديءَ جي ماترڪ ڇند بابت هن صاحب جيڪا ڄاڻ ڏني آهي، اُها گهڻو ڪجهه سيکاري ٿي.

اَڄ جا اُڀرندڙ شاعر باريڪيءَ سان ڪجهه پڙهڻ، سوچڻ ۽ پرائڻ کان ڇڙڻ ته وڻءُ ٿا وڃن. ماترڪ ڇند جي پوري ڄاڻ نه هئڻ سبب اڄ اسانجا شاعر ان ڇند جي اُٽت کي سمجهي نه سگهيا آهن. دوهي، سورٺي، وائي، بيت، هائڪو ۽ پنجڪڙي جي کهڙي فني ضرورت ۽ باريڪي آهي، ان کي سمجهڻ ۽ رچنا سان انصاف ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي. خاص ڪري هائڪو، ته - سٽو، لکڻ وارا اُن اُٽت کي سمجهن ته بهتر.

اتي اچي، اهو لکڻ کان نٿو هٻڪان ته ڪنهن به فن جي حاصلات، سادگيءَ، نماڻائيءَ ۽ نهنائيءَ مان ئي ٿيڻي آهي. ڏيکاءُ، دنپ، چمڪ دمڪ ۽ پڏ پڏ مان فنڪار ڪجهه به حاصل نٿو ڪري. خاص ڪري سنڌي ساهتيه، سيتا، سنسڪرتيءَ سان ته اها پرمپرا لاڳو آهي. هيءَ درويشن ۽ فقيرن جو پنڌ آهي.

مان دلگير صاحب کي عرض ڪندس ته ڪڏهن موقعو پائي پرسرام ضيا صاحب جو پڻ درشن ڪرائي. هن وٽ پڻ درويشاڻو فهم آهي. البت ضيا صاحب عوامي شاعر آهي، مشاعري جي واه واه سان واڳيل آهي، تڏهن به عام ماڻهن جي گهڻو ويجهو آهي هنجو ڪلام. ادبي ماپ تور پنهنجي جڳهه تي آهي ته لوڪ پريتا به ته پنهنجيءَ جڳهه تي آهي. ضيا آپوجهن ۽ ويچارن جو شاعر آهي، جيڪي وهڪري ۾ وهي وڃڻ چاهيندا آهن. ضيا وٽ عاشقيه ڪلام آهي ته 'پٽي تي پوهوءَ ماءُ' جهڙو نظم به آهي. دلگير صاحب جي هن، ۽ ٻين اهڙن لکن جي خوش آمديد آهي، سواگت آهي.

463/B, Sardarnagar,
Ahmedabad - 382475

تون جهڙو فڪر ۾ اوچو آهين اهڙو فن ۾ به اوچو هجين، ان ڪري ڪجهه سمجهاڻ هيٺ ڏيئي رهيو آهيان.

تصوير - ٢ پڇاڙيءَ جي سٽ وزن جي لحاظ کان ٺيڪ ڪپي آن، آن، ۽ آن، - تصوير ٨ - وڏ ڦڙو وسڪار نيڪ ٺيندو. ٻڪرين جي پاڪار پوءِ برابر ٻيهندو. تصوير - ١٠ - ڏُنڊ ۽ پَنڊُ قافيو برابر نه آهي. تصوير ١٣ - آهه ڪان آهي برابر آهي.

هائيڪو سڀ سٺا بيٺا آهن. مبارڪون!

اي. جي. اُتم (ممبئي)

رچنا - ٩٧ (جنوري - مارچ ٢٠٠٣) اَڄا گذريل ميءَ ۾ پهتي. هاٽي ڪوَر تي ليکڪن جي ٽرنگي ڪلر سان فوٽو ڏيڻ سٺو لڳو. هن ۾ اهو اهم ليکڪ ستيش روهڙا جو آهي، جنهن هتي ١٩٤٩ جي نئين دنيا ۾ ترقي پسند ڪوتا 'غريب ۽ شريف عورت' سري سان لکي. اُنهي چياءِ 'ڪوئي هٽ چڪي پيو، ڪوئي اَک پچي پيو، ڪو وري چاتيءَ طرف بار بار جهڪي پيو، هوءِ ڪري، ڪري ته ڇا؟ چو ته هوءَ غريب آهه، تنهن سواءِ شريف آهه؟' اُنوقت نئين دنيا ۾ شيام، اَياز سان گڏ سڀئي آهوجا، موتي پرڪاش، آنچل، چينانند تاب شاعر به هئا ته رام پنجواڻي وڪيل، آنند گولاڻي، لڇمڻ راجپال، مالهي، ڪيرت، سڀئي ڪهاڻيڪار به هئا. پر ستيش سان گڏ رام وڪيل، گولاڻي، راجپال سالن جا سال مات تي ويا ۽ پوءِ هاٽي ڏهن ٻارهن سالن بعد لکڻ لڳا آهن. جيڪڏهن هو به ترقي پسند تمورتيءَ وانگر ساهت ۽ سنڌيت هلچل ۾ لڳاتار سرگرم رهن ها ته اَڄ ساهت ۽ سنڌيت آسمان ڇهندڙ هجي ها.

ستيش جي هن پرچي ۾ ٻن صفحن جي ڪوتائن مان مونکي رڳو نظم (سورنا) 'آءُ پرين آءُ' اَهڙي ئي وٽي جهڙي سنڌس پهرين ڪوتا ١٩٤٩ واري 'غريب ۽ شريف عورت' وٽي. ٻولي ته خاص سليس سپڪ نيٺ سنڌي آهي پر اُنجي پيٽ ۾ سنڌس مقالو 'ساهت سرجڻ جو سرچشمو' (سيا سيمينار ۾ پڙهيل) نيٺ سنڌيءَ بدران هندي ۽ انگريزي لفظن سان ٽمٽار آهي جنهجا سنڌي لفظ موجود آهن ۽ سليس ڪري سگهجي ها. جئن 'ساهت سرجڻ' سولن لفظن ڪي آجايو هندي ۽ اَنگريزي لفظن جون به ٽي پٽرائون ڏنيون اَٿس جئن سرجناتمڪتا لاءِ سرجڻ رچنا يا شڪتي لکي ها. ڪي سنڌي اُچار هندي ڏنا اَٿس جئن سرير کي شرير، ناٽڪ ڪلا ڪي نائيه ڪلا، حالتن کي اسٿتيون، گوناگون لاءِ ووڌناميه، يڪوجوديءَ لاءِ ايڪاتمڪتا وغيره.

ڪي سنڌي لفظ جئن لازميت بدران لازمي، ڦٿلاءَ بدران ڦهلاءُ. پر ڏرتيءَ لاءِ گرهڻ ڪرتا ۽ سرجڻ ڪرتا لفظ سٺا موزون اضافو آهن. اُنلاءِ داد اَٿس.

پر ستيش کان وڌيڪ هندي ۽ انگريزي لفظن جي ڀرمار رڳو هڪ صفحي جي ليک ۾ نامديو تاراچنداڻيءَ ڪئي آهي. اصل سرو ئي سنڌيءَ بدران انگريزي ڏنو اَٿس. هنديءَ جا نه رڳو لفظ آهن پر اَصل سوچڻ به هندي آهي جڻ ڪنهن هندي ليک جو ترجمو آهي. ڪيترا سنڌي سولا لفظ آهن جئن ڏاريائي لاءِ پراٿپ. سنهپ لاءِ هندي لفظ سهشٽتا. بنياد لاءِ پائي، گفتگو لاءِ سمواد، شيشي لاءِ پاردرشڪ، سنمان عزت لاءِ پرتيشنا، ضد، هٺ، زور لاءِ آگره جهڙا هندي لفظ لکڻ ڏيکاري ٿو ته ليکڪ تي هندي ايتري ته غالب آهي جو هن لاءِ سنڌي لکڻ ۽ سوچڻ به ڏکيو آهي. اهڙا سنڌيءَ بدران هندي لفظ ڪن ڪهاڻين (وشنو ڀاٽيه، تارا، ڪلا) ۾ به آهن جيڪا خامي آهي. سنڌالاجيءَ کي ته پنهنجي مخزن ۾ اَهڙيون خاميون درست ڪري ڇپڻ کپن.

هن پرچي ۾ دلگير جو ليک سڀئي آهوجا تي عاليشان آهي جيڪا هن پرچي جي خاص خوبي آهي.

٩٦ پرچي ۾ مهڪريءَ تي مضمون لڳو مهراڻ ۾ پهرين ڇپيو هو.

توهان طرفان

ڪمار تيجواڻي (الهاسنگر)

رچنا ٩٦ جي سمپادڪيه ۾ قومپرستي - راشٽرواد بابت بلڪل صحيح لکيو ويو آهي. ليڪن اهڙي منورتيءَ ۾ ڦيرو ڪڏهن ايندو، سوچي نٿو سگهجي.

عام طور روس جي ٽٽڻ لاءِ آئميريڪا کي ڏوهه ڏنو ويندو آهي. ليڪن توهان صحيح لکيو آهي روس کي قومپرستيءَ ٽڪرا ٽڪرا ڪيو آهي.

انگريزن لاءِ پڻ مشهور آهي ته 'ويڙهاءِ ۽ راڄ ڪر' واري نيتي اپنائي هنن سڄي دنيا تي راڄ ڪيو. هاڻي انگلئنڊ ۽ ائميريڪا ٻين ملڪن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جيئن هو پاڻ دنيا مٿان حاوي رهن.

نيڪ نيتيءَ سان اهي ٻئي ملڪ جيڪڏهن دنيا کي هڪ ڪرڻ چاهين ته سڄي دنيا ۾ هڪ جهنڊو، هڪ سڪو، هڪ ئي انسانيت ڌرم قائم ڪري پنهنجو ناماچار وڌائي سگهن ٿا.

ائميريڪا کي محسوس ڪرڻ گهرجي ته انگريزن جي سلطنت جو سج است ٿي سگهي ٿو، روس جهڙو شڪتيشالي ملڪ ٽٽي سگهي ٿو ته يو. ايس. اي. پڻ ٽٽي سگهي ٿي. ٻين کي ٽوڙڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ وارا هڪ ڏينهن پاڻ به ٺوڪر کائي سگهن ٿا. تنهنڪري ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڇڏي جوڙڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن ۽ انهن تي عمل پڻ ڪيو وڃي. اڄ دنيا کي ان جي ضرورت آهي.

چترو ناگپال (بئنگلور)

رچنا ٩٦ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لکندڙ مرحوم ليکڪن جي بي خياليءَ ۽ غلط بيانن بابت لکيو آهي، پر مان جيتري ليکڪ تي جيتري تاريخ لکندڙ بابت ٻڌايان؟ منهنجي ١٩٩١ ۾ ڇپيل ڪتاب 'تنهنجي منهنجي ڪهاڻي' ۾ منهنجيون ڪهاڻيون ۽ آخر ۾ جيون جهلڪون آهن. آخرين ڪهاڻي 'دهشت' ۾ پيءُ پٽ کان بمبئيءَ ۾ فلئٽ خالي ڪرائڻ لاءِ گوندا ٿو آڻي وهاري. ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ سنڌي ليکڪن جي ڊئريڪٽريءَ ۾ مون بابت لکندي ٻڌايو آهي ته منهنجي پيءُ مون کان فلئٽ خالي ڪرائڻ لاءِ گوندا رکيا هئا. ڪهاڻيءَ کي ائين منهنجي شخصي جيون ۾ ملائي ڇڏيو اٿس. لکڻ محل ممڪن آهي اهو ڪتاب سندس ٽيبل تي رکيل ڪتابن جي ڍڳ ۾ پيو هوندو. جيڪڏهن منهنجو پتا حيات هجي ها ته ڪيس ان بي عزتيءَ تي ڪيتري نه منيان لڳي ها ۽ ٻيو ڪو مٿو ڦريل ليکڪ اهڙي بي جوابدار لکڻيءَ تي ليکڪ کي ڪورٽ ۾ به گهلي ها.

رچنا ٩٦ ۾ ڇپيل مهڪري صاحب بابت ليک بابت هت اهو جوڙڻ چاهيندس ته جي. ايم. مهڪري بئنگلور ۾ ڄائو هو ۽ هت ئي بنيادي تعليم به حاصل ڪئي هئائين. سندس والد ته پنهنجي نالي اڳيان فخر سان بئنگلور لڳائي بئنگلور منيم علي ڪري لکندو هو. منهنجي گهر پرسان ئي عنايت الله مهڪري سرڪل آهي - اهو نالو سيمينٽ جي وڏي بورڊ تي اُڪريل آهي. اهو ضرور جي. ايم. جو ڪو بزرگ ٿي سگهي ٿو.


هولارام هنس (ممبئي)

رچنا ٩٧ پهتي، ڌنيواد. اَرجن حاسد جو 'غزل' ۽ هري دلگير جا 'سگهڻ آهوجا تي تاثرات' وري پڙهڻ لائق آهن. 'نارائڻ شيام' جا خط گڏ ڪري سنڌلاجيءَ طرفان ڇپايو ته مهرباني. مون وٽ به خط هوندا.

پريو وفا (ممبئي)

رچنا - ٩٧ پهتل آهي. مهرباني. ان ۾ تنهنجا (لکميءَ جا) ٽستا (تصويرون) پڙهي خوشي ٿي. نثر ۾ قابل آهين ئي، پر هينئر شاعرن جي صِفَ ۾ شمار ٿيو آهين ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ اضافو ٿيو آهي اهو محسوس ڪري خوشي ٿي آهي.

هائيڪو جو وزن آهي : فعلن فعلن فعل / مفعلن فعلن فاعلن/فعلن فعلن فعل. مان چاهيندس ته


CELEBRATING 40 YEARS
Festival
of Sherwanis,
Blazers,
Suits &
Jodhpuris
Rs. 1450/- ONWARDS
M. R. P.
Rs. 2785/-
M. R. P.
Rs. 2600/-
Any Suit made to order within
12 working hours.
Cambridge
READYMADES
COLABA
Kartar Bhavan, Colaba Causeway.
Tel.: 284 0250, 281 3653.
Corporate order inquiries are welcome
SUNDAY OPEN
M. R. P. Rs. 4445/-
All Suits shown are made from Raymonds fabrics.